
ابراهیم منشی
ذرتی
دیت
ذرم

ٹرٹي دين ٹرم

ڌرتي دين ڌرم

ابراهيم منشي

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
1991ع

ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇاپيندڙ : ايم خان پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد
بائينڊنگ : دلشاد ۽ نديم بڪ بائينڊنگ هائوس
لطيف آباد نمبر ۴ حيدرآباد
ٽائيٽل ڊزائين : عبدالرسول عباسي
قيمت : 42/-
پڪو جلد : 65/-

منسوب

پنهنجي پياري امڙ

جنت

جن جي نالي
جنهن پنهنجي ڪک مان
جنم ڏيئي يارهن سالن
جي عمر ۾ والد جن جي
جدا ٿي وڃڻ کان پوءِ
پورهيا ڪري مون کي
پالي وڏو ڪيو.

منشي محمد ابراهيم

سڱاءُ

ـــ مهاڳ	ايم- ايم سنيو	9
1 ـــ نظم		17
2 ـــ بيت		97
3 ـــ وائيون		143

مهاڳ

مون کي هن دؤر جي نهايت اهم، ارڏي ۽ مهان شاعر منشي ابراهيم جي نئين شاعري مجموعي، ”ڌرتي دين ڌرم“ جيڪو ڇپجي چڪو آهي لاءِ چيو ويو ته ان لاءِ مهاڳ يعني تبصرو، تعارف ۽ تاثرات لکي ڏيان. وسوسي ۾ پئجي ويس ته منشيءَ جي شاعريءَ تي تاثرات لکان! منشي هڪ حساس فطرت، انوکو، ارانگو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پرسوز زبان، ڪرب انگيز تاثرات، همت و حيات آفرين جذبات موجزن آهن. منشي وقت جي پوڪار، منشي عزم ۽ همت جو نشان، محبت و ايثار جو پيڪر، ظلم ۽ ظالم لاءِ پيغام موت آهي:

”جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي ڏو سان جنگ آ،
پليت پير ڪر وري، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ.“

قوم پرست شاعر، ته اسان وٽ گهڻا آهن، منڊ سڄي هيرن جي کاڻ آهي، پر منشيءَ جي ذات ۽ ذات نرالي آهي. منشي جي ترنم ۾ سحرخيزي ۽ بلا جو ڪرب آهي. لفظ سادا، سهڻا ۽ چيندڙ. لفظن جو انتخاب نهايت عمدو ۽ اعليٰ، جي ترنم سان پڙهي ته ماحول متزلزل ٿئي. مزدور، محتاج ۽ مظلوم جو حوصلو ۽ سمت همالي ڪان مضبوط ۽ مٿاهون ٿيو وڃي!

”دودي ڏاهر جو اولاد، مان ٿي آهيان، مان ڏي آهيان....
منهنجو عزم فولادا“

مون کي ياد آهي ته هڪ دفعه پروفيسر حيدر علي لغاري

جي هيرآباد واريءَ جاءِ تي پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن منشيءَ سان رهاڻ جو اهتمام ڪيو هو. حيدرآباد جي پرفسون رات، منشيءَ جو سوز و جلال آفرين آواز، انقلاب انگيز شاعري، ٽيپ ٿيندي رهي. ۽ ٻجي رات جو آيل ماني، ڪنهن کي نه هوش هو، نه خواهش! صبح جو ساڍي ڇئين بجه پاروٺي ڪري ڪاڏي سون؛ ۽ جڏهن ٽيپ ٽيل ڪيسٽ ان وقت جي ايڊيشنل سيشن جج علي حيدر شاهه ٻڌي ته بي اختيار ڇٽي ويٺو- ”ڪٿي آهي ڪارلائل- ڪيٽس ۽ شيلي جي شاعري- اسان وٽ سنڌ ۾، سنڌي زبان ۾ ههڙا شاعر به موجود آهن! جن وٽ شعوري پختگي ۽ فڪر و فهم جي ايتري بلندي موجود آهي.“ منشي ظلم ۽ ظالم جو پس منظر قطعي نٿو برداشت ڪري:

”نه هونديون حويليون، نه هوندا هي ٺاٺ،
مان هوندس نه هوندس، سو پاڻا نه ٽاٺا.“

منشي ابراهيم غربت جي پاٽ اونداهيءَ ۾ اک کولي؛ سندس حساس شاعرانه طبيعت ظلم و جبر ۽ ڏاڍ جي پيڙائن مان پلجي، رچي ريٽو ٿي، عزم ۽ آزاديءَ جو مينار بڻجي ويئي، سندس محسوسات و ڪيفيات ۽ واردات قلبي هيٺين طبقه، مزدور، مظلوم ۽ مارو ماڻهن جي ڪيفيات ۽ ڪرب جو اظهار آهي.

سندس موجوده زير نظر ڪتاب ”ڏرتي ديدن ڏرم“ ۾ منشيءَ جي نئين ۽ تازه شاعري آهي- ان ۾ نظم، بيت ۽ وايون آهن. جن ۾ سڪون آهي، سرور آهي ۽ سوز آهي. منشي سچ جو شاعر آهي، جذبات ۽ احساسات ۾ حقيقت، روح جو ترجمان آهي. سندس بيت جو انداز ته ڏسو! ڪرب تڙپ ۽ گهرو زخم! سوچ ۽ لوچ، ادائگي ته ڏسو!

"سچ نہ کني ڪڏهن اڃا رات، رهي ڏي،
وڇوڙي جنا وڌيئي ۽ پري وڃان!"

منشي هڪ فطري شاعر آهي، هن کي مصنوعي ۽ مصلحتي معيارن جي ڪا پرواهه نه آهي. حقيقت ۽ برملا حقيقت بيان ڪندو آهي.

"ٿرو ٿاهي پياريو، ڪولهن ٿي ڪلال،
جاڳي پيو جي ۾، جيئرو جڏ جلال،
حرام ۽ حلال- پئي پڌي ويا پوڙ ۾."

منشي هڪ عملي ۽ حقيقت پسند مبلغ انصاف آهي. هن جون وايون ڏاڍيون مقبول عام آهن، جيڪي سنيون، سهڻيون ۽ مؤثر آهن، لفظ سادا، سهڻو انتخاب ۽ جذبات آپارينڌڙ هوندا اٿس. سنڌس وائي جو انداز ڏسو:

"راڻا ڏيئي رت - ٿورو لاهيو ٿيچ جو"

منشيءَ جي شعر ۾ عزم، حوصلو بلندي ۽ قربانيءَ جو بي پناهه جذبو موجزن آهي-

"ڪيا ڪارا نہ ڪوٽن ۾، پنوهارن جا اڃا پٽڪا،
ڦوهارا ڏي يا ڏي ڦاسي، ڦٽن تي هڻ ڦري ڦٽڪا."

قربانيءَ جو جذبو ملاحظه فرمايو!

پوندي اتي پٽ ۾ پرک - سُوريون جتي سينگاربيون!
پيا لٽڪندا ڪئين لاش لک - سُوريون جتي سينگاربيون!

بهرڪيف منشي هڪ جامع الصفات شاعر آهي. سنڌس زبان، سنڌس سوز ۽ آلاپ، سنڌس فڪر ۽ فهم، سنڌس پيغام، همت، جرئت ۽ قرباني آهي. سنڌس هي نئون ڪتاب سنڌي زبان ۽ نظرياتي توڙي طبقاتي ادب ۾ تاريخ جو هڪ سونهري

ٻاب آهي، سنڌي نوجوان نسل لاءِ هڪ ضابطہ حيات آهي.

منشيءَ جي شاعريءَ ۾ سونهن، سرت، ساڃاهه، پيڙا، پڪار، عزم، حوصلو، جدوجهد، جرئت ۽ همت جان بازي ٿوڙي جان نثاري ۽ ڌرتيءَ سان بي انداز محبت موجزن آهي- وقت جي ضرورت آهي تہ هن کي پڙهجي، پروڙجي ۽ راهہ عمل ۾ رهنمائي حاصل ڪجي-

— ايم ايم سنڌيو
ٽنڊو محمد خان

نــظــم

ڏيـن ڌرم سڀ ڌرتيٰ ڇايا، ڌرتي آهي آتـــم،

انسانن جي آجائيءَ جو، آهي پوڻءُ پـــرم.

●

اسان انقلابي اسان انقلابي،
ٿي مجبور حملا ڪنداسون جوابي.

ستاسون ستوين سر تي قانون ڪارا،
اچي تنگ، ڪرڻ جنگ، سکي ويا هي سارا،
ٿيا جڏهن ظالم جا مظلوم مارا،
رهي ڪٿ نه سگهيا پوءِ رهزن ربابي.

ٻڌي چڏ ڪروڙن ٻاٻاڻن جي ٻولي،
پلي چاڙهه سوري پلي مار گولي،
نه رهندي هتي سامراجين جي ٽولي،
آهي ختم ڪرڻي هي ساري خرابي.

نه سهندا هي سانگي ستم سامراجي،
پراڻا فريب ۽ هي رسمون رواجي،
گهرون ٿا گهرون ٿا صحيح حق سماجي،
نه گهرجن مهاجر-پٺاڻ ۽ پنجابي.

وڏيرو هي ظالم وڏيرو نه گهرجي،
ڪامورو هي ظالم ڪامورو نه گهرجي،
غلط انتظام هي سمورو نه گهرجي،
نه هلندي ڪنهن زردار جي هت نوابي.

ڪنداسون نه برداشت بد انتظامي،
اٿي آگ پڙڪي آ اڄ انتقامي،
حڪومت ڪبي هت حقيقي عوامي،
ڇڏينداسون توڙي غلط حد حسابي.

٦- سچو ملڪ پاپين کنا پاڪ ٿيندو،
نه مومل جي طلسم وارو ڪاڪ رهندو،
هتي هر بشر هاڻ بس ي باڪ هوندو،
آهي ڪرڻي ظلمت منجهان ماهتابي.

٧- سياهي جي راتين جو چيري تہ سينو،
ٻارڻي لاٽ آهي ڏيئي رت پسينو،
آهي تار مان تارڻو هي سفينو،
نہ ڪر فڪر ”منشي“ ٿيندي فتحيابي.

●

ڪيسين سهنديِن سور، او ساٿي. ڪيسين سهنديِن سور،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ نئون ۽ وک وک تي وهلور.

ڏيهه سڄي ۾ چيڙيل ڏينهو ڏيهه ڌڻين کي ڏنگ هڻن،
وگ وک تي سي ويڙهيچن کي واريو ڦيريو ونگ وجهن،
سورن ماريل سانگيئڙن جا چوڏس پڌ پيا چنگ چرن،
پنهنجي گهر ۾ مرضن ماريل ماروئڙا مجبور او ساٿي!!!

خون اسان جو پيئندي پيئندي پاپين ڪيڙا پيٽ وڏا،
ڪڙڪائي ويا ظالم ڪيئي مظلومن جا ماس هڏا،
زر زمين جا مالڪ بڻجي ويٺا ٺاهي عيش اڏا،
مُهرُ زبان تيِ ماروئڙن جي، ناهي ڪجهه دستور او ساٿي!!!

هتي هلن پيا ڪئين هزارين ون يونٽ جا واپاري،
آڙ وٺي اسلام سندي، غدار ڪندا هني غداري،
وري ڪندا نيلام نئون، هي پيئسي جا هن پوڄاري،
متان ڙي وانگي وڃين نه وڪجي، دو ڪي ڪان رهه دور او ساٿي!!!

جاڳي پيا پٽ جيجل جا اڄ جاڳي پيا جانباز ڪئين،
پر مارن جا پير نه ڪپندا، شاهي وريا شهباز ڪئين،
سوري ڪي سي سيج ٿا سمجهن اڄن ڪريو نت ناز ڪئين،
ڪهڙا چاڙهي چاڙهيندين تون، ملڪ سڄو منصور او ساٿي!!!

اڄو ته ”منشي“ متفق ٿي اڄ ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي،
ظلم سندا زنجير هڻن سان پاڻ ٿي پنهنجي پاريون ڙي،
سر رکيِ سانداڻ مٿي ۽ مستقبل تہ سنواريون ڙي،
وقت اسان کي ساٿ ڏنو آ، منزل ناهي دور او ساٿي!!!

متفق ٿي مسڪين اچو اڄ ڏاڍ جا ڏونگر ڏارڙيون ڙي،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي ۽ ويـر پـراڻا واريون ڙي.

وڪ وِڪ تي جن ڪيا وڏيرن ويڙهيچن سان واويلا،
شام تائين ڪوڏار هڻي، تہ بہ سير اٽي لئہ سو تيلا،
ڪئين ڪتا تن بکيا ڏکيا ۽ انگ آگهاڙا اڀيلا،
اهڙا موذي ملڪ سڄي مان چوندي چوندي ماريون ڙي!

قاتل قوم فرنگ جو چمچو جاچ اهو جاگير ڏني،
مير هجي يا پير هجي يا خانبهادر هجي ڪٺي،
پيچا ڪري ڏس پيڙهياتن کان ڪتان تو هي جاگير ڇٽي،
پورهيتن جي پگهر منجهان تو، ننگيون نچائي نــاريون ڙي!

مزدور جي ماس منجهان تو مالڪ مل ڏس موج ڪري،
وال ڪروڙين روز بنائي پوءِ بہ تنهن کي سور سري،
سردي گرمي گوڏ گنجيءَ ۾ بنا ڪفن مزدور مري
مرون ۽ ماريون ماروئڙن تان ظلم ستم هي ٽاريون ڙي!

زردارن جا ظلم هتي جي، ڪاهڙ ۾ ويهي ڪولي ڪو،
اٿي لٿي ۽ ادا اڇهي لئہ پڙڪ هتي جي ڀولي ڪو،
پنهنجي هٿ سان پنهنجي ڳچيءَ لئہ سوريءَ چڙهي ٿو ڳولي سو،
سانگيئڙن لئہ ستم هزارين کهڙا ساري ساريون ڙي!

خون ڪرائي وڏو وڏيرو سيٺ چوڌري رئيس هتي،
جهوپن وارن جهانگيئڙن لئہ پاپي پوءِ پوليس هتي،
ڪنگالن لئہ ڪيس هتي ۽ پورهيتن سان پيس هتي،
چور چٽا چالان چڱا ۽ گگدامن تي گاريون ڙي!

ويل هزارين وانگيٽرن تي اڳي وڏيرو ڪري هزار،
مسڪينن جي ماس مٿان ٻيا ڏارين پولي وارا ڏار،
”همين ملي هي زمين نڪل جا تيرا نهين ڪڇ اڏر وقار،“
ڪيئن ڪريون ڪاڏي وڃون ۽ ڪهڙي در پڪاريون ڙيا!

انڌير نگريءَ ادا ڙي هن پر مسڪينن سهڻي ڏيءَ ڇٽي،
ظالم ڏس زردار وڏيري ڪي جي ڪنهن پي وقت وٽي،
زوريءَ سان ڏو ظالم تنهن ڪي ڪوه مٿان ڏس ڪٽي ڪٽي،
اهڙا ڳولي ڳولي ماريون، سيني ڪي ڪجهه ٺاريون ڙي!

ساحل ڪان هي دور جي ٻيڙيون لهواريون ڪي اوپاريون،
سڙهه سنواري تن جا ساٿي ماڳ پڇايون موچاريون،
ڀهچو تن ڪي پري نه ڇڏيو ناڪئا ڏيئي ناتاريون،
اڇو نه ”منشي“ ڳڏجي تن ڪي، طوفانن مان تاريون ڙي:

●

تنهنجو مرڻ پٺين پياس ماس، تو کي ڪيئن اچي جڳ راس،
ڏوڙ وجهي پٺي ڌرتي تُوتي، ڪلي پيو آڪاس.

سهي سيارا، پڻ تي پارا، تنهنجو جي واريا پاٺيءَ وارا،
کيٽ کرا سڀ بنيون ٻارا، سوڙ ڪاڻي ويا سٽي تو سارا،
اڄان جيئن پيو جڳ ۾ پيارا، تنهنجو ٻاغ ٿيو بنواس.

لوڏ لڳايون ٻڌي مهاڙيون، اڇو تہ گڏجي پير آهاڙيون،
ڪتا ٻچيون ڪن تاڙو ٻہ تاڙيون، ڪٺي ڪاهي ٻئو ڏڦا کهاڙيون،
وانگين جون جن پيليون واڙيون، سي ڪريون ڀاري ناس.

اڄان تہ ڌورا آهن اٺوري، ٻلر ٻيهاڻا چرن ٿا چوري،
اهي ٻہ ان تي ڪل ڪندا کهري، پوءِ تہ چرندا تو ڪان زوري،
ڳالهہ اها ڪا ناهي ٿوري، ڪڍ رهزن اهي راڪاس.

ٻڌي پنجوڙون پٺون سڀ ڀهري، ڪٺي هٿن ۾ پيالا زهري،
اڏيون اڏن تي ڪوڙڪيون ڦهري، شام صبح تن تڙيون ٻپهري،
جهلي ٻيهون لنگهہ بري ۽ بحري، ”منشي“ عام ۽ خاص.

اَٿ دلبر مسافر دير نہ ڪر، سَڏ سُوريءَ جو سينگار وَري،
سڏ سُوريءَ جو سينگار وري، تو کي آهي پوڪاريو دار وري.

لڳي چانڊوڪي سيءَ سٽي، هتي ڏينهن ٿيي تنهنجو ماس پڄي،
تو کي جڳ آهو ڪيئن راس اچي، آئي پارڻ نئون ڪو ٻار وري.

ظلمات جي رات هي ناهي وڏي، اَچ ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ ڪڏي،
هو ڪات اڳيان- هوءَ آهي اڏي، هتي آهي ڪَسڻ جي ڪار وري.

هتي خون هزارين خان ڪئين، جانباز اچيو ڏين جان ڪئين،
ويا مرد پرائي مانُ ڪئين، تون به وارو پنهنجو وار وري.

ڇڏي بلبل گل جا افسانا، ڪن ڪات ڪهاڙا نيشانا،
پوءِ پڇتائيندين پروانا، جي شمع ٿي ويئي گل يار وري.

ڇڏ 'منشي' غفلت ننڊ گهٽي، اَٿ تيغ تکي تلوار ڪٽي،
وڙهه ويرين سان تون هوڪا هٽي، ۽ ڏونگر ڏاڍ جا ڏار وري،

●

وڪڙ ۽ ونگ وانگين تي، وڏيرن جا وزيرن جا،
هزارين ظلم هت آهن، ڪي ميرن جا ڪي پيرن جا.

نئون نت روز هت نارو، نئين نت روز غداري،
نئون دولاب نئون دوکو، نئين نت مڪر مڪاري،
فريبي چال نت نئين ۽، ايوجهن سان عياري،
صبح ۽ شام سانگين تي، ستم سرمائدارن جا....!!

چڙهي هن ملڪ جون ويهون، وري واڳن جي ور واڳون،
ملي هن قوم کي هڪ ڪوڙ جو لقمون جڏهن جاڳون،
وري ساڳيا پراڻا سي، بڌي پاپي ويهن پاڳون،
رچن ٿا سانگ نت هت ڏس، غريبن تي غدارن جا....!!

جي پنهنجي ٻولي هت ٻوليون، لڳن ٿا گرز ۽ گوليون،
ڪريون جي ڳالهه حق جي هت، پريون جيلن سنديون ڪوليون،
اتو اي سنڌ جا سانگي، ٺاهي ٿانڊن جهڙيون ٽوليون،
ڪريون قوت سان پنهنجي، مٽهن ڪارا هت مڪارن جا!

نسي مٽ دنيا ۾ تنهن ٿاني، ڏني جنهن قوم قرباني،
گهري ٿي گهوٽ آزادي، مٿن جي يار مهماني،
ڪفن سر سان ٻڌي لاهيو، جڪڙ جيجل مٿان جاني،
گذارين پار ڪيئن ڪڏهين، غلامي ۾ غيورن جا....!!

وري اڄ قوم ڪي نئين جنگ، لئه جاڳو ۽ جاڳايو،
اٿل رکڻ عزم اندر ۾، پتنگ ٿي پير پڙ پايو،
جيئون آزاد ٿي جڳ ۾، يا منشي موت سرمايو،
لڙي سڀ لوڪ تان لاهيون، هيڏا هاڃان هچارن جا....!!

انقلاب

اي هاريو اي ساٿيو، اي سنڌ واسيو
آئو ڪو خوني انقلاب، انقلاب آڻيو.

نہ هاڻي ڌاريو دل نرم، نہ ڪريو ڪنهن مٿي ڪرم،
نہ جن جو دين ڪو ڌرم، وڏا وڏا سي ٻي شرم،
نيون ٿنين جون سازشون، مٿيءَ ۾ ملائڻيو!!

هي حامي اصلٿون هند جا، نہ ٿي سگهيا سي سنڌ جا،
هي لکنوي، ۽ دهلوي، سگهن سڌائي نا سنڌي،
ڪيو انهن کي ڪرم مان، ڌڪا ڏيو ڌڪاريو!!

نہ آس مير پير ۾، نہ ڪنهن وڏيري وير ۾،
نہ چوڌري نواب ڪنهن، نہ آندو انقلاب ڪنهن،
آئو اگهاڙي پير سان، مرو ۽ حق لئہ ماريو!!

هنن اچي زبان ڪٽي، چون پيا ڪا ٻي چٽي،
بهارين جي ٻٽي اچي، نٽين ڪا گهل سنڌ تي،
ڪٽو ڪهاڙا ڪات سي، اي سنڌ جا ته سانگيو!!

جا ول بنا آ ٻاڙ جي، سا سرجندي ٿي ساڙجي،
جو وڻ وڪوڙجي ويو، سڪي سو پينگ پانگ ٿيو،
ڪهاڙين سان تي ڪٽي، زمين کي ريج رت ڏيو!!

جو تو ڏٺو سو ڪوڙ هو، فريب دوکو ڏوڙ هو،
رڳو هنيا ٿي تن رمل، نہ هو انهيءَ ۾ ڪو عمل،
ڇڏي پرايو آسرو، ڪا پنهنجي ڦوڪي ٻاريو!!

ڏسو هي "منشي" اوپرا، لڏيو اسان کي چون پيا،
نماه ڪهڙو نانگ سان، هي نانگ مرندا ڏانگ سان،
انهن سنڌي ادي ٻنا، گهڙي نہ هڪڙي گهاريو!!

اسـان نينهن لائـــي نيائي سگهون ٿـــا،
سوين سنڌ لئه سـر ڪٽائـي سگهون ٿـا.

تون ڇا پـــر هزارين ويـــا هـار ڪائـي،
ٿـيـا عرب ارغـــون ٽـرخـان ٽوائـــي،
مـغـل ۽ فـرنـگـي ڪيا سون تباهـــي،
انهيءَ ريت توکي مٽائـي سگهون ٿــا!!

جڏهـن مـرد مانجهي مهاڙيون ڪٽن ٿــا،
ڪهوءَ جي گهڻن سان ڪهاڙيون ڪٽن ٿـا،
تڏهن رت ريـــلا ٿي واهـــڙ وهن ٿــا،
مڪارن کي مـاري مڃائي سگهون ٿـــا!!

سوين توکان سورهه سپاڻـــا هليـا ويـــا،
طرف کهڙي کهڙي نه چاڻا هليا ويـــا،
ڪيائي ڪئين ڏگـــ ڏاڍـــا هليا ويـــا،
نه توکي به هڪ ڏينهن پڇائي سگهون ٿا!!

گهڻا ڏينهن چورن هتي چاگ ڪيا ٿـي،
سوين اڄ سنڌي پـاڳيا جاڳـيـا سـي،
’دريا خان‘ ’هوشو‘ ’هيمون‘ ساڳيا سـي،
زنـــده لاش تنهنجا جلائي سگهون ٿـــا!!

اسان چنگ پيچهل تي ڇوري سگهون ٿا،
نه ٿي ڏياج پيي ڪنڌ ڪوري سگهون ٿا،
غلامي جـــا زنجير ٽـوڙي سگهون ٿـــا،
ويـل پـاڳ پنهنجو ورائي سگهون ٿـــا!!

اڏيــــل ڪاڪ تنهنجا اهــــي طلسماتــي،
جنهن جــي راه سوڏن صحيح آسجاتـــي،
هتي زهـــر تنهنجــي ڪنداسون حياتـــي،
تنهنجي ڪاڪ ڪوڙي آڏائي سگهون ٿا!!

ڏيــهـا ڏيـهـہ سڄو ملڪ منصور آهـــي،
اڃــي تنـگ ڪرڻ جنگ دستور آهـــي،
نہ ”منشي“ ڪا منزل تڏهن دور آهـــي،
جڏهن سر سوريءَ تي چڙهائي سگهون ٿا!!

درياءَ جو سوال

دردوندا هي ڏانهون توتي، ڏيندا درياءَ شاهه دلير،
ورهن جا اڄ وانگيئڙن کان، ويساهه ڏيئي تو ورتا وير.

سارا سو رهن سال سُڪي تو، پيٽ ۾ پاليا پرت پنوهار،
ريلن ۾ تو راڻو ڏيئي، ڇاڻيا لاڏيا لوٽ ليار،
پاسا تو ته پساڻ ڇڏيا، پيريءَ وارا پنهنجا پار،
ملاح ڀتي ويا مڏيون ٻوڙان، ٻيڙيون ٻاري ٿيا ٻڪرار،
پرم ڏيئي پاڳين کي پوءِ، پنيٽ ٻنجي پريءَ پير....!!

گهيرا ڏيئي تو گهارا پائي، راڄ روئاريا راتو رات،
سانگيئڙن جي ساهه سوٽڪو، سيڪنهن سر تي ٿي سڪرات،
ڪاري رات ۾ ڪلهن ڪلها، ووءِ ووءِ واتو وات.
هيٺان پاڻي پالوٽون ۾، آپ مان پئي ٿي برسات.
ڪلهن ڪيهون راڻن ريهون، ڪو نه رهيو آت، ڪنهنجو ڪير....!!

پڄرا ٿوڙي ڀر ڀڪيڙي، ڀرين پريم پنهنجو پيٽ.
چوڌاري تو چٽ ڪيا پوءِ، ڇگڙا چاندي هاڻا ڇيٽ،
ساڻين ٻنين سيرون ڏيئي، مارو ڪيا تو مليا ميٽ،
لڪين لڙهائي لهوارا تو، لڙنيارن کي ڪيئڙو ليٽ.
ڍار ڍنگر جي ڍول رهيا ٿي، تنجو ڪيو تو ڍينگو ڍير....!!

موج ڪري مهراڻ ميان تو، ماري مارن مال ڇڏيا،
اڌا لڌا ۽ اجهاٻ پنهنجا، اڄ ڇڏيا، ڪين ڪالهه ڇڏيا.
گوڌا ڪيندي ڪنگن جيئڻ ڪن، لڇندي پنهنجا لال ڇڏيا.
جوءِ سڄيءَ ۾ جهانگين لئه تو، جاڳائي جنجال ڇڏيا.
ٿنگ پڄي ته ٻه ڪين رهي ٿي، هي ٻه هراڙي واري هير....!

●

ڀاڳين ڀُنگا ڀينگ ڪيئي ڀر، وڌ ماڙين ۾ ماتام،
دهشت دڙڪا جهولن جهڙڪا، ڪُنن ڪُڙڪا ڪاري قيام،
بندون توڙي ڇڏيئه ٻوڙي، سانپيٽرا جي تنهنجي سام،
شهرن ٻڙن شيل ڪيا تو، ڳاهي چڙهين ڳوٺ ۽ ڳام،
سوشلزم تي ڌهندي آيو، ڀاتا جت تو ڀنهنجا ڀير... !!

آپ مان ڀاڻي ڌرتي ڀاڻي، ڀاڻي ڀاڻي ڀورو ڀٽ،
ڪٽڪانڪري تنهن تان چڪري، نانگن جهڙيون ۽ ڀيا جهٽ،
ڪاهڙ وارن ڪپرن ڪاٽي ڪيا، چرڻ چلڻ ڪنا چٽ،
تنهنجا ڀڻ هي حاڪم وارا، ساڳيا نخرا ناز ۽ نٽ،
جوڙڻ ۽ جن جنگ لڳا تن، ٻوڙڻ ۾ تو دم جي دير....!!

ڪن جا پڌرا پورا ڏينهن ۽، ڪن کي سانپاهي جا سور،
ڪالهه ڇٽيا ڪن اڄ ڇٽيا سي، ماروڙيون ٿيون مجبور،
جيئڻ جهنم، مرڻ مُصيبت، 'منشي' ڪيڏا ڪيئي ڪلور،
ڀاڻ رهيو نه ڀاڻ سان ڀيڙو، ڏيهه ڪٽي، ڪٽ ماڻ مجبور،
ڦوڪ ڏيئي تو ڦوڪي ڇڏيا، ڦيري ڦوڙائي جا ڦير....!!

درياءَ جو جواب

آزادي جو مان متوالو، موٽ سان رکيئون من ۾ مير
مرڪز ڏوڙي موتي آيس، سنڌ مٿان هو ڪرڙو سير

ٻُڌڙي شاعر ڳالهه ٻئي جي، ڏٺي ڏمر جي ڏاڍا ڏوهه،
سارا سورهن سال سڪائي، ٻوهين موٽ سان ڪيڙو ٻوهه،
زنجيرن ۾ زوري جڪڙي، لڳ لڳ منهنجي لاٿئون لوهه،
ڇڙيون هٿندي نيٺ ڇناڻي، ڦيرين تن تي ڇنايم ڇوهه،
سالن ڪان سڪ سنڌ ڳهڻ جي، پوءِ ٻڌانهن پاتم پير....!!

پير ڇڏي ويا پاڳيا منهنجي، پتنگا جن جا ٽيا پڙ پانگ،
پنو هر ٻليجا ٻهتا سودا، ڳاڙهيون ڳئون ۽ ڇريا ڇانگ،
ڪٽڪٽ ڪن جت ڪامون تي، ڪاموريون ات ڪارا نانگ،
سرليون هڪڙيون ڇالن ڇڙيون، هونگر هون هون ڇڙيل ڇانگ،
ڇٽي ڇماٽي ڇانگ ڇنل ڪا، ڇوٽ پريان ڇمڪائي ڇير....!!

منهنجي حد جي هارين جا هٿ، هئي هئي تي ويا هيٺا حال،
ريلن رائو آڪ قلهاربا، سال سڪي تي ويڙا سال،
ارهي انري ڪيا اپالا، اهڪا تن جا آل عيال،
ڇيٽ ڪٽيون سپ ڇٽ ويا ٽي، پونءِ سڄي تي ٻيو پونچال،
ڏار ڪيو هو ڏارين موٽ کي، وانگيٽڙن سان جن جو وير....!!

ڇور اسي ۾ ڇالون ٿاهي، بندون ڏيئي ڪيائون بند،
پنجا اسي ۾ پاپين منهنجا، روڪي ڇڏيا سيئي رند،
نربيلا ۽ منگلا ٿاهي، صاف سڪائي ڇڏيئون سنڌ،
پاءُ سڏائي پينگ پيا ڪن، هائو بنجي سي هر هنڌ،
ڇتا پتا ۽ ڏاريا پدرا، ساڳيا سسئي وارا ڏير!

هاڃان هونءَ نہ هزارين آهن، هيڏا سارا هاڃان هيل،
اسان ڦڙيءَ لئہ ڦٽڪون ويٺا، ڀاڻ پيٺن پيا ريل ۽ ڇيل،
ڪٿي ڪچون پچون اسلام کي خطرو، جاءِ اسان لئہ آهي جيل،
ڪيئن ستائين رت هي روئندا، ڏيتً ڏٺي هي ڪيسين ڍيل،
قربانيءَ ري ڪير نہ ڪنهن کي، ڏيندو آهي ڀتڙي ڀير....!!

گهوڙا هيڏي ڪٿهت ۽ ڀوسٽ، ٻنين ونين ڀول ڀرن،
سوڪهڙي ۾ ساهه منجهي پيو، ساري ڌرتي سٿپ سٿرن،
پيٺن بلائون ڀهري پيبون، ٻنوهر ڪهڙي ڀار ڀرن،
"منشي" مارن وات ۾ ڀچڙا، ڪهڙي در تان دانهن ڪرن،
چونديل گڏجي چرچا ڪن پيا، اسيمبلي ۾ آهي اندير....!!

هاڃان هون ۽ ته هزارين آهن، هيڏو سارو هاڃون هيل،
پاڻي بند پنوهارن جو ٿيو، هي به يزيد امام جو کيل،

ڏرد وندن جون ڏانهون ٿوتي، ديس منهنجي جا درياهه شاهه،
ڪهڙي روڪ آ روڪيو تو کي، پنوهر پياسا ٿي ويا پاهه،
صدين کان تو سيرون ڏيئي، واهيا وانگين واهڙ واهه،
منهنجي ڏيڙي ڏيهه سڄي جو، سنڌو توبن ٿي سياهه پساهه،
تنهنجي سوڪ آسند سڄي تي، جهڙي تاتارين جي ڪاهه،
ماندي ڪنهن تو منڊ وڌا، يا پاڻ ڪٽي ونين چت تان چاهه،
اسان ڦري لاءِ ڦتڪون وينا، تنهنجي ڏولڻ هيڏي ڍيل!

سهتا سوڍا درس ڇڏي ويا، پنوهر پايجا تنهنجو پيٽ،
ور ور ڏيو پٽي واري اڏامي، جت هئا چاندي هاڻا ڇيٽ،
آبادي آس ڪٽي ويئي، جهوريو جهولن جي ته جهپيٽ،
ملڪ مٺان ڇڻ موت ڦري ويو، مارو ٿي ويا مليا ميٽ،
تو نه جڳاءِ جڳ جا جاني، هيڏي ساري لالڻ ليٽ،
ڳنگن ڀوڙن ڳگدامن جا، پاڻيءَ ري ٿيا ڀلا پيٽ،
رت روئاري راڄ ڇڏيا تو، هاڻ اچي ڪر ريل ۽ ڇيل!

پيڄا ڀار ڀنڀون ونيون، ڀار ٻڌا سڀ جوان ڇماڻ،
ٽاڙي واري ٽانگهه ٽنين ڪي، ٽن ۾ ٽو لاءِ ٽاڻو ٽاڻ،
توکي پرتل آهي پرين ڪان، لاڙيچن جي هي لاڏاڻ،
سوين هزارين سهٽيون ٻوڙيون، موجون ماري تو مهراڻ،
ڇا اڄ ڪان تو ڇيهه ڪيو يا، ڏاڍن جا ڪي پيٽڙا ڏاڻ،
خشڪي ڪان هٿ خالي ٿي ويا، ڀريل تريل ڀاڳين ڀاڻ،
جيئڻ جهنم جهانگيئرن جو، جڳ ٿيو جت ڪٽ جهڙو جيل!

سنڌ ۾ سهڻي سُور او ساٿي، سنڌ نه سهندي سُور،
جيجل جا پٽ جاڳي پيا اڄ، مانجهي ڪٿين منصور، او ساٿي.

راوت رت رتا هٿي راول، بختاور ٿيا ڀاڳهين ڇاول.
سُوريُن سرا سانول سانول، ڪهڙا ڪهڙا ڪُهنديُن قاتل،
هر ڪنهن هٿ هٿ مشعل مشعل، هر ڪنهن تن تنور، او ساٿي!

ڪيسين رهندا ڪوٽ قهر جا، ڪيسين رهندا ظلم زنجير.
قيد ڪري تون ڪونه ڪو سگهندين، ڪنهن جو ذهن ۽ ضمير،
تنهنجو دام درياه جي ڇولي، پٽڻ وارو پور، او ساٿي!

ڪُوپا ڪند ڪپاڻ ڪارڻ، ڪوڏيون ڪاهي آيا هي،
اٽل عزم سان آزادي لئه، سينا ساهي آيا هي،
ناس ڪري ظلمات هي ويندا، نئون نکيري نور، او ساٿي!

آزادي جي سين پڌي مون، وستي وستي وستيءَ ۾.
بستي بستي سنڌ ڏنم، هر ماڻهو مستي مستيءَ ۾.
پنهنجي حق وٺڻ جي خاطر، هر هڪ اڪ انبور، او ساٿي!

ووڙي واٽ وندر جي، ڀاٽ منجهان اڄ لاٽ ڪڍي.
”منشي“ ڪٿين مهميز اٿي پيا، ڌرتي هن جا ڏک ڏٺي.
ظالم ڪنهن زوراور اڳيان، مورنه سي مجبور، او ساٿي!

نوان مقتل نيون سُوريون، نوان منصور ميدان ۾،
کنهن پيا کوٽ ڪانئر جا، ڏسي ڪي مرد زندان ۾.

مٿن جا ڪول مُنهن موڪي، متارا موج ۾ آهن،
اڏيءَ تي سر رکي آيا، مڙي ميخوار ميدا ميخان ۾.

قبولي ڪنڌ جي آيا، ڪندو ڇا تن ڪڙو قاتل،
ڍيچارين موت جنهن کان سو، اسان جي ناهه امڪان ۾.

هنن جي هاڪ هر هنڌ آ، اهي سروان سنڌوءَ جا،
هنن رخ موڙيا ڪيئي، تہ تقديرن جا طوفان ۾.

تنهنجا زنجير اي ظالم، ڀڃي سڀ يور تي ويندا،
نہ "منشي" رات هي رهندي، ٿا ڏسجن ڪهوٽ گهنسان ۾.

ڪِين رولن سمجهي راند هئي آ، ٻارڻ ٻاريو ٻوليءَ سان،
هي ٻولي ڪنهن جي گولي ناهي، گولي گڏبي گوليءَ سان.

آهيا تيري ميري تو وٽ رکـ، هٿ ڳنڍ پري ويهي ڳالهاءِ،
نه تہ نڪري وڃ هن نگري مان، هٿ پير پليت نه ٿون ڪو پاءِ،
هي سنڌ انهن آ سنڌين جي، جو سنڌي پاڻ کي صاف سڏاءِ،
نہ تہ گهر بہ ويندءِ سِر بہ ويندءِ، سنڌ مٽيءَ جو مونکي سنهن،
ڪر ڪٺي اڄ ڪوندر اٿيا، ڪندا تنهنجو ڪارو منهن،
ٿنگيل هوندين ٿياسن م، هٿ ٿولي ٽولي ٿوليءَ سان!

مُنڌيا ڪائي مورين جا هئي، مٿو آهين مانگر مڇ،
ٿورا ڏينهن اهي ٽونا تنهنجا، راڻن ڦيريا ٽوٽي رڇ،
ڪنڌيون تنهنجي ڪلين ۾ تون، ڪيڏا پڇندين پڇ ۽ ڪڇ.
تو لُوسي آ للڪاريو اڄ، غيورن جي غيرت کي.
هن دودن ديس ڌلين ۽، جرنيلن جي جرئت کي.
هي لٺين جون ٺان لوليون توکي، لوليون ڏيندا لوليءَ سان!

هي دودي دريا خان دلاور، ڏوهارن جو ديس اٿئي،
هي مانجهين مردن ڀاڳهين ٻارن، جهونجارن جو ديس اٿئي،
هي سچن سانگين سروائن، ۽ سنگهارن جو ديس اٿئي،
شهن ستل تو جاڳايا هي، مٿن ۾ تو مات ڪندا.
تو رت تپايو راڻن جو هي، هڏ بہ تو هضمات ڪندا،
هي سنڌوءَ جا سرواڻ اٿئي جي، چيڙيا آهن تو چوليءَ سان!

هي ٻولي سچل سامي ساٺوڻ، شاه پٽائي گهوٽن جي،
هي ٻولي ڪُل ڪان آهہ قديمي، ارڏن ۽ اٺولن جي،
هي ٻولي ڏاڏي ناني جي ۽، ماسانن جي سوٽن جي،
آگر هن ڏانهن جيڪو اٿاري، تنهن جو ڏڙ سِر ڏار ڪندا،
هي ”منشي“ سڀ مهمير اٿئي، تو چيري ٽڪرا چار ڪندا،
هي هولي ڪيڏي چاٺي هر هڪ، هولي ڏسندين هوليءَ سان!

ٻـنـدُ سستي تي وکامي، نـت نئين نيلام ۾،
ڪڏهن کهڙي نِـام ۾ ۽، ڪڏهن کهڙي نـام ۾.

هتي هن لوڪ جا ليڊر، وات ڦاڙيو واڪا ڪن،
ڏوڙ ڏوڪي ۾ ڏٺيولتي، ڏاڙيسان هٿ ڏاڪ ڪن،
ڇيڙيو سي ڇڇڙيو، سانگين جا سينا چاڪ ڪن،
او پـرن آزاريو، آهتون اٻاڻين عام ۾!

ڪوڏيا ڪُرسيءَ سندا ۽، قوم جا قاتل قريب،
هر زمان رهبر مليا هُن، قوم کي رهزن رقيب،
جج ٿيا جلاد هت رت، رات ڏينهن روئي نصيب،
ڪنهن وڏي ڪرسيءَ جي ڪارڻ، قوم قتل عام ۾!

پنهنجي ٻولي ٻوليون، تان گرز ٻالا گوليون،
چپ چُري چيرو پري، دل درد ڪنهن سان ڪوليون،
خون مارن جي منجهان هت، ڪيڏجن ٿيون هوليون،
قوم جا قاتل ٿا ڏسجن، عيش ۽ آرام ۾!

مرڪز

محافظ ملڪ جا ميڙي، رکيئون سپ مال مرڪز ۾،
اسانجو رت ٿيو نيلام، ڇاليھہ سال مرڪز ۾.

اڃان مضبوط مرڪز جو، نشو پاندو پيو پرجي،
اماڻياسون هتان ابدال، سڀ ابتال مرڪز ۾.

اهو ميجر اهو ڪرنل، اهو جرنل جگر ڪاٽي،
سدائين سنڌ پٺي لڏجي، مشل فٽ بال مرڪز ۾.

وڏيرن کي ڏيئي ڪرسي، ڏسو پوءِ تن سندي مڙسي،
هتو وتندا پاڻ گھوريندا، عيال اول مرڪز ۾.

پٺاڻن پنھنجي بلوچن باھہ ھت پاري،
هي باقي سنڌ ويچاري، ڪسي ڪنگال مرڪز ۾.

اهو سڀ سنڌ وارا پيي، صفا پيا سيند ۾ سمجھن،
ڪڏهن چنچل ۽ ڪلواڙو، ڪڏهن تنتال مرڪز ۾.

يقينن ديس پيا تسليم، ٿيندا هر زماني ۾،
ڪڏهن سنڌو ڪڏهن سرحد، ڪڏهن بنگال مرڪز ۾.

هميشه ڪونہ رهندا هي، وڏيرا قوم جا وارث،
ڏيڪاري معجزا مهدي، رهن دجال مرڪز ۾.

هٺي نذرل ويو نارو، پٺاڻي جو پريو وارو،
وڃي رهندو هو دل ڪارو، اڏڻ اقبال مرڪز ۾.

مرڻ ڪارڻ لکين ”منشي“، اچن پيا ڳاٽ اوچي سان،
ڇڏيندا ڪونہ پنھنجي ديگڙي ۽ دال مرکر ۾.

هڪ دفعو هاري اٿي ڪو پنيٺ پڙڪائي ڇڏيو،
قوم جي قاتل جي ڪک ۾ ڪان ڪڙڪائي ڇڏيو.

تو صدين کان سپ سانديا، ڏيل جن تنهنجو ڏنگيو،
تن جا اڄ مٽڪا مروڙي، لاش لڙڪائي ڇڏيو.

تنهنجي رت پورهئي پگهر مان، محل جي ماڙيون اڏيا،
تن تماڙن ۾ پري، ٿانڊا ء ٿڙڪائي ڇڏيو.

اڄ اٿو صدين ستل، انسان وٺون پرين پلاند،
گڏجي دشمن کان وٺو سڀ، ڏڪ ڏڙڪائي ڇڏيو.

اڌ مٿا "منشي" هي مانگر، پيا هٿن پيچ جي پچاڙ،
تيز ڪو تيزاب تن تان، چو نه چڙڪائي ڇڏيو.

محنت سان جي لاهي آيا، ماني اپ جي ٺارن مان،
سا تو ڦري بندوق ڏيکاري، هٿڙن گورن ڪارن مان.

هٿ هزارين ميلي جڳ جي، ڪڙي ڪڙي زنجير بڻيا،
ڏاڍ جبر کي پڪڙي جڪڙي، ٺاريس هٿ هچارن مان.

بمن بارودن سان تو ڪيئن، انسان ٻڪ جا ٻڪ ڪيا،
اٿيا لوهي لنگ ڪروڙين، غرق ڪرڻ تو غارن مان.

ڌرتي چيري؛ آن اپائي، ملون هلائي انگ ڏڪائي،
تن مٿان تون بم وسائي، ٿهڪ ڏئين پيو خارن مان.

تنهنجي شرارت شيڪو ڏسندي، شرمائي شيطان ويا،
”منشي“ وير وٺي مرنداسون، سامراجي اِن سارن مان.

ڪونڌر

رتِ ريتو ڏيئي راوت، سنڌ کي سوغات ۾،
باک جون راسُون ويا راسي، راتِ ڪاري راتِ ۾،

سيرسَهائي سنڌ ڪارڻ، تيا اسونهن لئه سُونهان،
ڪين ڪسندي ڪسِڪيا، ڏيئي ڪنڌ پنهنجا ڪات ۾.

تي جبل جابر اڳيان، ڏيئي آڏ ويري واڌ کي،
نور سان نجهرا نِڪيري، نامور تيا نيات ۾.

تي وڏي واکي چيائون، وانگين جا واهيرا،
ڪين ڏينداسون ڪڏهن، ور ڏيئي واڳون وات ۾.

ٿهڪندي ٽانڊن مٿي ٽي، ٿهڪ ٽين جا ٿهڪيا،
ڏات آهي ڏيل ڏوکو، ڏک شيدائين ڏات ۾،

ڏيهه ڏيا ڏيئي ڏيا سان، ڏاڍ کي ڏاري ويا،
ودِ وڍڻ جي وير هئي، وونڪن کي وائي وات ۾.

ڪلپتين جي ڪٽم جا، ڪانئر نہ ٿين ڪوپا ڪڏهن،
موت "منشي" مانجهين، مهندان سدائين مات ۾.

لطيف در دانهن

هتي ته چارئي پهر چڙهي پيو، سوريءَ سائين سچ لطيف،
سون ڏيئي اڄ سودين ويٺا، ڪيئي ڪوڏيون ڪيچ لطيف،

سنڌ سموري سانگيئڙن جي، سائين سو ڳهي منجهہ سنگهر،
ڏاڙيلن جا ڏرتيءَ هِن تي، ڏار مڇي ويا آهن ڏمڇر،
پورهيتن جو پورهيو وڪجي، ساءِ سستو رت پگهر،
راڻا راڻو رات ڪٿا ڪٿين، ڪيئي قيدن ۾ ڪونڌر.
جيجل جيءَ ۾ جل جلن ٿا، جاڳ وراهه واڳ لطيف،
پوڻءَ سڄي پڙ پانگ پٿائي، پاڳيئڙن جا پاڳ لطيف....!!

دم قدمَ تي ديس وندن لٿا، دِر دِر اڏيل دام هتي،
ناز نپايل ناريون ڪيئي، ننگ پِريون نيلام هتي،
پنهنجي گهر ۾ چور اسين ٿا، سڏجون صبوح شام هتي،
سچ چڙهي پيو سوريءَ سائين، ڪاهڙ ساري ڪام هتي.
گهر گهر ٽنگيل ٽياسن ۾، اڄ ڳاڙها ڳاڙها گهوٽ لطيف.
مهر ڪري اڄ ماروئڙن تي، ماڳين پنهنجن موٽ لطيف....!!

ڪٽ نہ ڪٽڪي ڪڙمي ڪاري، نہ ڪا وڃائي چال چڙي،
ٻچران پسيو پد ۾ پينگها، اکين مان پيا لڙڪ لڙي،
ويا دڪاري ولر واري، جن سان منهنجي جيءَ جڙي،
ڏينهن گذاريان ڏن ري ڏسڪي، رات گذاريان روئي رڙي،
سينڌ نہ سٽجي وانجهيو آهي، جهونگارن ڪان جهنگ لطيف،
ڪين ڪٽي ٿا پسجن پيارن، ڏاٽيئڙن جا ڏنگ لطيف....!!

دؤر ڇڏي ويو دريـاه سارو، ڪين ڪنن ڪـڙڪاٽ هتي،
اڄ نه ٻولي ٻاٻاڻن جي، ٻـاڳين جـو ٻڙڪاٽ هتي،
مورن مينهن مـڙڻ ڇڏيو ۽، ڪونج نه ڪا ڪٽڪاٽ هتي،
دردن ماريل دلـگيرن جي، دل دل ۾ دونـهـاٽ هتي،

اڄ نه ڪو چونگار چڙي ۽، چوڙيلين جا چاڳ لطيف،
ست پٽيرو ساڳ نه ڪو ڪو، دو ديرين جا داڳ لطيف....!!

دونهيون وسائي پيهون ڊاهي، لا شـڪ ويئـڙا لال لڏي،
سيني جـا جـي ساه سهارا، سانگي ويـا سـي سات سڏي،
چانگون چوڙي ڪلا اکوڙي، چـنـي چـورو ويـا ڇڏي،
رنـد نهاريان هنجون هاريان، ويٺڙا گـونـدر منجهه گڏي؛

واهر ٿي اڄ مون نه ولهي ۽ تي، واڳون پنهنجون وار لطيف،
مون لئه ڌرتي ڏڳ ڏڳي پئي، ڌنارن ڪـان ڌار لطيف....!!

اڄ ڪٿي ڪو سـچڙي سائين، جهانگين ڪارڻ جهول پري،
جنهن جي ڏسندي جبر جاي ۽، لاهيون ڏيهه تـان ڏاڍ ڏري،
جوت جلايون ساري جڳ ۾، جابر سان ڪا جنگ ڪري،
گهر گهر "منشي" گل ٽڙن ۽، آزادي جـي جـوت جلي،

پيجهل جو اڄ روپ وٺي ڪو، چوري اهـڙو چنگ لطيف،
سورهه ڏيندا سر ائين جيئن، سارين وڃن سنگ لطيف....!!

●

ٻوڙهي جهور هي ورهن ڪان ڏس، ويٺي روئي لاڪب ۾،
رويو رڙيو لڙڪن سان ٿي، منهڙو ڌوئي لاڪب ۾.

آدم سنيري حوا به سنيري، سنيري نوح طوفان،
ڇڳن ۾ چيڙون لٿا به ليڙون، جهڙي ڪر بي جان؛
مرضن ماريل ڏڪڙن ڌاريل، هلڻ ڪنا حيران،
ايندن ويندن چوري چيڙا، ڪجهه پئي چوءِ لاڪب ۾....!!

پڇيم ڪنهن جي ڄائي آهين، ڪهڙي ڏوهه ۾ آئي آهين،
ڪين سڃاڻي تون ته سگهين ٿي، دائي آهين ڀائي آهين،
رت رئين ٿي جڳ جئين ٿي؛ تون ڪا شاهه جي وائي آهين،
هوريا هوريان هڪڙي نڪتي؛ هوءِ هوءِ لاڪب ۾....!!

جهڄندي جهرندي جهٽ پٽ مونسان، جهونگر ڪٿي هي جهانگيائي،
ڪڏهن مان به هنس او مٺڙا، ملڪ سڄي جي مها راڻي،
پنهنجن مونکي ڀاڻو آهي؛ ڇيري هن ۾ ڄائي واڻي،
پڇتائيندا رهيا آخر، ڀاڻ به پوءِ لاڪب ۾....!!

مون ۾ سهڻي واري سچائي، مون ۾ نوريءَ وارو نياز،
سسئي وارا سور به مون ۾؛ مون ۾ مومل جو ته مجاز،
منهنجو سچل سامي سانوڻ؛ منهنجو ڀٽ ڏئي آواز،
مان خود مارئي، اڄ آ منهنجي، لڄ ۽ لوءِ لاڪب ۾....!!

مون ته وراڻيو تنهنجا هاڻي، جاڳيا ”منشي“ ڀٽ جوان،
هوشو، حيدر، بلو، صادق؛ جن جا سر مٿي سانڌاڻ،
دودا، ننگر، ڀونگر، جاڳيا؛ هاڻ ڪيڏين ڇو ڪنهن جي ڪاڻ،
سٽيو ڳالهيون سرهي ٿئي پئي، ڀرڙا سوءِ لاڪب ۾....!!

ڊي - پي - آر

سنڌ کي سوگهو ڪيو سرڪار، ڊي - پي - آر ۾،
قوم جو ڳڀرو جوان - هر ڀار، ڊي - پي - آر - ۾.

سوچ سانچي سيل تي ۽، سچ پيو سُوري چڙهي؛
ڪو ڪٽي ڪُونڌر ڪڙهي ۽، ڪو ڪٽي ڪلهو ڪڙهي،
ڪنهن ڇڏيو هي موت جو، منشور مارن تي مڙهي،
پر اسان جي لئه غلامي، گسار ڊي - پي - آر ۾....!!

هي تہ دريا خان دودي، ۽ ڏاهر جو خمير،
جنون پيء ۾ جاڳيا، آهن زماني جا ضمير،
ڪيترا ڪهندين تون قاتل، قوم هي آهي ڪثير،
آزماءِ تن ڪي پل، سؤ بار ڊي - پي - آر ۾....!!

سنڌ پڻ جيئندي سداسو، سور ۽ سختيون سهي،
لوح پڻ ويندا لهي ۽، ڏوهہ تو پوندا ڏهي؛
رهبري جي روپ ۾ هت، ڪئين ويا رهزن رهي؛
تون بہ تن وانگي ٿي مارو، مار ڊي - پي - آر ۾....!!

رات ڪي رت جي ڏيڻ لئه، ڪيئي اڄ راڻا آئيا،
هر طرف ڪان هوڪ حق جي، هَل هاواڻا آئيا،
ڪاسبي هاري، ڪمي، پورهيت پُري پاڻا آئيا،
ڪوڙ جو ڪيسين ڪندين، وهنوار ڊي - پي - آر ۾....!!

تون تہ ڇا تو کان وڏا، غدار ويا غرقور ٿي؛
ويا ڪپي ڪامي مري، مارن هتان مجبور ٿي؛
تون بہ ساعت سانگين لئه، سنڌ تي پل سور ٿي،
موج ڪر ”منشي“ چوي، ڏينهن چار ڊي - پي - آر ۾....!!

ڌوکو

چنڊال چوڪڙي هي، چوندي چڪر ڏنوسين.
پورهيت پنهنجي پنهنجي پيا، هارين حشر ڏنوسين.

اخبار-ريڊيو-ٽي-وي، ڏوتين ڏٺار ڏرٽيون،
سانگين جا ساه سوگها، ۽ ڏيل ڏک ۾ ڏرٽيون،
ڪهڙي خبر ته آهن، ٻاهيون اسان تي ٻرٽيون؛
جمهوريت جو جلوو، خنجر جگر ڏنوسين....!!

ڪيڏو نه قوم سان ڪنهن، ڪيهڙو فريب دوکو؛
دل ۾ دغا-دروهي، ٻولي چپن مان چوکو،
حيران آهي هرکو، پورهيت مزور پوکو،
جڳ تي نه ڪو جڳن ڪان، اهڙو جبر ڏنوسين....!!

قانون ڪي ڪنهن هٿ، هڪ ڪورٽون پيا ٽاٽا،
انصاف جي اکر لئه، وانگي وتن ويڳاڏا،
هن حال جي حقيقت، مان چاٽندي نه چاٽا،
ياگيو پدل ۽ چور هٽ، آزاد ير ڏنوسين....!!

بازيگرن جي ٽولي، چڏيا ڪٿين راڄ رولي،
چورن جي ور چڙهي ويا، ياگيا وڏي ڪنهن پيولي؛
"منشي" مٿان چڏين تون، ڪاهڙ ۾ گالهه کولي؛
سوريءَ تي سچ ڪي چڙهندي، شام و سحر ڏنوسين....!!

●

ويا گورا وريا ڪارا، فڪر بدليا نه فن بدليا،
نه بدليو ڪو نظام، هن ملڪ جو باقي بدن بدليا.

ڪئين قائد مڙهين قانون، ڪارا قوم جي ڪنڌ ۾،
کهاڙيون ڪهڻ لئه ساڳيون، رڳو ڪهاڙيون ۽ ڳن بدليا...!!

ڏينهان ڏينهن پيا وڃن وڌندا، پياڪو رت پورهيت جا،
نه سانگي ڏينهن سکهو سنهرن، سوين هٿ سال سن بدليا...!!

آهــا گولي پئي گونجي، سدائين سنڌ وارن تي،
نسل نيئپر سندو تن جا، نه تن بدليا نه من بدليا...!!

متا ميچ ملڪ ۾ "منشي" سچي ڪاهڙ جا ڪڳ ڪائي،
پرم پاندا ڪٽلي پوندا، جي پاڳين پنهنجا پن بدليا...!!

ڪورٽ ڪرسي تالا عوامي، گهوڙن پيڙهين گهاٽا عوامي،
ملي ويو منشور عوامي، سانگيئڙن ٿي سور عوامي،
مير عوامي پير عوامي، تن وٽ ترڪش تير عوامي،
جيل عوامي ويل عوامي، هتي هزارين ڪيل عوامي،
اڇي ويو نئون دور عوامي، چٽي ڏسين چور عوامي،
ساري سنڌ ۾ سور عوامي، رهزن رشوت خور عوامي،
آهي هتي هر چيز عوامي.

ڏينهن عوامي رات عوامي، ڪٿ عوامي ڪات عوامي،
هتي حساب ڪتاب عوامي، چڪلا ڪلب شراب عوامي،
رئيس ڪڏن هت ريس عوامي، ڪوڙا ڪئين هت ڪيس عوامي،
رهزن جا ڪئين رنگ عوامي، سيري ويا ٿي سنگ عوامي،
مارن جو هر مال عوامي، ڪاهي ويا ٿي ڪالهه عوامي،
آهي هتي هر چيز عوامي.

موٽر بنگلو ڪار عوامي، پاهه بکن پنهوار عوامي،
لوٽيارن لچ لٽ عوامي، ظلم هتي اڻ ڪٿ عوامي،
جهانگيئڙن تي جهير عوامي، ڪاتي ڪند ۾ سير عوامي،
ظالم زميندار عوامي، هارين ظلم هزار عوامي،
بوري زميندار عوامي، چٽ صوبيدار عوامي،
صادق هاري ملاح عوامي، گولي تنهن کي ڦاهه عوامي،
عام هتي آهي ماس عوامي، ڪائن تنهن کي خاص عوامي،
آهي هتي هر چيز عوامي.

●

هڪڙو شاعر، جيل جي ڪوٺي، سوچيو ويٺو سوچي،
سوچي، لُوُن لُوُن لوچي، هڪڙو شاعر.

ٽنگون ٻاهون زنجيرن ۾، زنجيرن تي سوچي،
وردين ۾ خنزير ڏسي ٿو، خنزيرن تي سوچي.

قوم سندي تقدير ڏسي ٿو، تقديرن تي سوچي،
سچ چوڻ تقصير ڏسي ٿو، تقصيرن تي سوچي.

ماضي جا مهمير ڏسي ٿو، مهميرن تي سوچي،
پنهنجن جا ضمير ڏسي ٿو، ضميرن تي سوچي.

جهانگيرن جا جهير ڏسي ٿو، جهيرن تي سوچي،
ديس وندا دلگير ڏسي ٿو، دلگيرن تي سوچي.

جڏهن ڪورٽ اندر ڪونڌر، ڪروڙين هي ڪَٽَڏي پوندا،
لڙن سان لرزجي سارا، هي لوهي در لڏي پوندا،

آٿن جيڪر ڪاڻي ڏڏڪو، ڏٿي هي ڏڳ ڌرتيءَ جا،
۽ ڏاڙيلن جا ڏڙ ڌرتي تي، هڪ ڌم سان ڏڏي پوندا...!!

جڏهن ڏڙ سڀ ڪندا تابع، پاپاڻا پيڙيين وارث،
تڏهن تونگر هي اڻ تارو، پاتاڙا تي پَڏي پوندا....!!

ڪري هڪلون حقن ڪارڻ، آٿن ”منشي“ جي ميڙ مارو،
۽ قاتل قوم ڪڪڙن جيئن، لکن لڻ ڪنهن ڪَڏي پوندا....!!

اسان هر دؤر جي حاڪم، کي حق جي ڳالهه چوندا سون،
اسان وانگين جي هر ويري، وڏيري سان وڙهندا سون.

پلي ڪيس ۾ اٽڪايو، پلي قاسين تي ٽنڪايو،
پلي لوهن ۾ لٽڪايو، پلي ٽانڊن تي ٽهڪايو،
پلي سورين تي سهڪايو، پلي ميدان ۾ مارايو،
اسان سوريءَ تي پنهنجي ديس، جيا نعرا پيا هڻندا سون....!!

اسان دودا هميرائي، ۽ دريا خان دولهائي،
اسان لاڪا تم ڦولهائي، اسان هيمون ٻس ڪالائي،
اسان صادق مزارائي، اسان شاهه سچل سائي،
اسان مهمير ميدان ۾، مرڻ کان ڪين مڙندا سون....!!

هي اسي لک جي آبادي، گهري ٿي پنهنجي آزادي،
ڪندا سون پنهنجي قوت سان، ٻي ڀاڙن جي بربادي،
سدا سانگين جي شهزادي، مٿي مهراڻ جي وادي،
انهيءَ مان سامراجي لوڏ، لوڏي نيٺ ڪڍندا سون....!!

هتي ڌاريان جي ڌاڙيلا، سيٺي گڏجي ڪرو چيلا،
وجهي وانگين ۾ واويلا، ويا پيئي پنهون پيلا،
ڪري مارو اٿيا ميلا، وهائي رت سندا ريلا،
ورهن جا وير ويرين کان، وڙهي هڪ ڏينهن وٺندا سون....!!

ميڙيا "منشي" اجهي مارو، وطن پنهنجي سندا وارو،
ڪري هر درد پنهنجي جو، ٿا چاڙن سي دوا دارو،
لکين لهرين منجهان لاشڪ، تري چاڙن اِهي تارو،
اسان اڪيب سامراجي ڪاڻ، سنڌڙيءَ ۾ نه سهندا سون....!!

●

گوندر ماڪ ڏونگر گذاري وياسون،
پڪي ٽوڙي پڃرا، اڏاري وياسون.

مقام ٿي مقامن ۾ مليا اسان کي،
لڪين مڙهه مسيح تي آڻاري وياسون.....!!

ڏيئي رات کي رت پرهه ڪئي سون پيدا،
جهان ۾ سوين سج آپاري وياسون.....!!

ڪيئا جن ڪسابن ڪان انسان اڏين ٽي،
اسان لڪ اڏين ٽان آڪاري وياسون.....!!

ڏيئي موت کي مات "منشي" مٿاسون،
مگر نئين نسل کي اجاري وياسون.....!!

●

گهر گهر گهور انڌيرو، گهر گهر گهور انڌيرو،
راڄ مٿان راڪاس ڦري ويو، ڪٿڪو ناهي پليرو،

دور ڪٿي هئا ڏيئڙا ڏسبا، سي پڻ اڄ نه آڇهاڻا،
ڪٿي ٽانڊاڻي چٽنگ نه چمڪي، ڪهڙا منڊ منڊاڻا،
ڪاري رات ٻي ڪاريهر جيئن، ڪڪي جلائي جيئرو.....!!

گهر منجهان ڪو ڳاٽ ڪڍيو پيو، ٻاٽ ۾ ٻاري لاٽ،
واٽهڙن لئه وٽ ڪنهن سوري، ويئو ناهي واٽ،
ٽابش ڏس طوفان مٿس پيو، وري واهه ٽڪيرو....!!

انهي ٻوڙهي ٻٽ ۾ ٻڌ جو، ڏيئڙا ڏيهه ڏيکاري،
جلندي ٻڇندي ٻرندي سڙندي، پرنديءَ ڪي پيو ٻاري،
ڪڙم جي ڪارڻ آهس اندر جنهن، دل ۾ دردن ديرو....!!

ٻارهيڙي ٻيا تنهن جي ٻٽ ۾، پنهنجا دام ٻکيڙي،
ڏيڻ ۽ ڏيڻ ڪڙهيون آچلون، ونجهيون وڻ ويڙهي،
بازن جي گهيري ۾ هوندي، "منشي" ڳٽڪي ڳيرو....!!

ڏسي دل ڏکي ٿي، ڏکن جو سماج،
کري نياس ڇڏيو، ٿئي ڦر جو رواج.

ڇڏي ننڍ آرس، ٿي اٿيا جڏهن،
ڪندا تنهنجا طاقت، سڀان تاراج تاج...!!

وڏيرا ورهن کان، ٿو وانگي ڦريا،
نہ هاڻي هي ڏيندا، ٿو داڻو اناج...!!

ريبي تو رمل سان، رچايو جو راڳ،
اسان اڄ انهيءَ جو ٻڌ، ڳولهيو علاج...!!

مڙيا "منشي" سارو، مرڻ کان مٿارڻ،
نہ رهندي هٿي ڪا، هاڻي تنهنجي هاج...!!

لاهياري

مان لاڙ جي آهيان لاهياري، مان لاڙ جي آهيان لاهياري.
تنهنجي وڏيرا اڪ آ ميري، تنهنجي وڏيرا دل ڪاري.
مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

مان ٿان من جي مور نہ مندي، مون سان گڏ آ ڏاڍو گندي،
مان تہ پنوهارڻ پورهيت وندي، سائين پنهنجي ساجن سندي،
ملي مارئي ڪان ڏات ۾ مونکي، لوئي لڄ پياري،
مان لاڙ جي آهيان لاهيارن.

ڏينهن سڄو ٿي ڏاڍو هٿان مان، شام مٿي ٿي پريون ڪٽان مان،
ور وٺي مون، ور ڪي وٺان مان، تنهنجي منهن تي ٿڪ هٽان مان،
تنهنجي وٺي ڏي مڙس تهنجي ڪي، رائي راڄ ڪمياري،
مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

سرتين سٽ ۾ سٽريت سڏجان، مري انهيءَ ڪان مٿيءَ ۾ گڏجان،
سچي مٽي ۽ سنڌوءَ جو پاڻي، سورن ۾ سيرجي آهيان ساماڻي،
صدين سڙيل سماج هن جي، ”منشي“ مرضن ماري،
مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

●

ننڍ اڇي تو ڪيئن ٿي، ڌرتيءَ تـــي ڏاڙيلا،
ڏاڍ ڏنگيو ڏيهہ سارو، وانگيـــن ۾ واويلا.

هي سرندو جيئن پرندو، دان سرن جا گهرندو،
چاهت مان چنگ چرندو، ٻري اٽندا پيلا.

رات رتو رت روئـــي، لڙڪن سان منهن ڌوئي،
ڏيئي ڏوراپـــن ڏوئـــي، آت سگهو السيلا.

جيجل جيءَ ني جاندا، ٿاندا ٻرن پيا ڪاندا،
اڇو تہ گڏجون آندا، بيٺ ٻڌي پـــر گولا.

نڪ وجهن پيا نوڙي، سنڌو ٿئي پٽي سوڙهي،
ڀڃون هئي اچو ٻوڙي، ”منشي“ مچايو ميلا.

ڳاءِ ڳاءِ ڳائڻا، تورا تيچ جا لاهڻا.

ڳوٺ ڳنگائيا، پيا اٿم ڀانئيا،
سڏ ڏيو سانڀيا، سڏ ڏيڻو سانئيا،
جوڳي بن چا ڳائڻا، تورا تيچ جا لاهڻا!!

انگ اڙجن پيا، سنڌ سڙجن پيا،
گهاٽ گهڙجن پيا، گهاٽ گهڙجن پيا،
ٻانگ ڏيڻي ٻول ٻڌائڻا، تورا تيچ جا لاهڻا!!

سڏ پڙاڏو ٿئي، پل مهاڏو ٿئي،
ڪير آڏو اچي، ڪير آڏو اچي،
ٿان هٽي تن تائڻا، تورا تيچ جا لاهڻا!!

”منشي“ مر ته مران، شل نه ڪيرا ڪران،
پل پيو ٻڙڪان ٻران، پل پيو ٻڙڪان ٻران،
بنجر باغ بنائڻا، تورا تيچ جا لاهڻا!!

●

پيرين نہ جتڙي، ٻڌي جا ڪاڙھا،
مـــارو وبـچـارا، پيريـــن اگھاڙا.

ڏيـھہ ڏھــاڳيو، پـاڳيو نـــہ جـبــاڳيو،
سنڌوءَ صديـــن کان سـتـم آ ســـاڳيو،
پسو ڏونـگـري ڏيـھـن، ڏڙن تـــي ڏاڙا،
مـــارو ويـــچـــارا، پـيـريـــن اگھاڙا!!!

ماروئـڙي ڪوٽن ۾، مـنھن جوٽن ۾،
ڳھمن پيا گھر گھر گھاٽا گھوٽن ۾،
راڇـــن ۾ رڳــو، رڙيـون ۽ راڙا،
مارو ويـــچـــارا، پيريـــن اگھاڙا!!!

ڇيھون ٿيو ڇولـو، اڃھو نـــہ اولو،
ڪتي لڪائي ڪانـگن کان لـولـو،
ويـــا وڪامـي وانـگـيـن جـا واڙا،
مارو ويـــچـــارا، پيريـــن اگھاڙا!!!

منڊاڻتو ”منشي“ ڪوڪي پيو ڪٿي،
پوڪار ۾ ڇـــا ڇـــوي پيو پنڇي،
جيئڻ گھـرو ٿـــا، جيو ٿـــي جـاڙا،
مارو ويـــچـــارا، پيريـــن اگھاڙا!!!

نئو جو سنڌ لڳ لڙي، نئو جو سنڌ لڳ ڪڙهي،
سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ ڪي ڇڏي وڃي.

برابري، سراسري، اسان گهرون تا ايتري،
پڇي ڪٿي ڪو ڪيتري، اسان پڌايون هيتري،
آزاد قوم جيتري، آزاد قوم جيتري،
جو سچ انهيءَ تان سڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

نڪاريو سنڌڙي حُسن، ڏسي ڪيئن ڪوندر پيا ڪُسن،
ڪروڙ ڪاهيندا اچن، ڪُسڻ جو ڪوپ پيا پڇن،
مچن مچن اندر مچن، مچن مچن اندر مچن،
جنهن روڪ هٿائي بي وڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

هي مڪليون، موهن دڙا، ترن برن ٿڌا ڪهڙا،
ٿهڪائي جنهن ٿاندا ڪيا، ڪٺي ويو ٿڙ ٿپڙا،
انهيءَ ڪري هڙا وڙا، انهيءَ ڪري هڙا وڙا،
نئو جو تڙ مٿان تڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

تي انهتا آ ڪيس جي، ء ڪيسين ويهندا هيسجي،
ڇڏي ڏي ريت ريس جي، پُريون به ويندون پيسجي،
آ جنگ جيس جيس جي، آ جنگ جيس جيس جي،
آئي نه جو تڙي ڪڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

پُڏين نئو ڪهي سجي، نقارو جنگ پيو وڃي،
گهٽين هٿين ڇپر ڪجي، هلي نه جنهن هيٺون هجي،
يجي يجي هينئر يجي، يجي يجي هينئر يجي،
دڙي تي داڦ بيهه دڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

هي ملڪ "منشي" ٿيو مڪي، ڇو ِ پيو پڪڻ پڪي،
جڏهن ٻـ قوم آ ڪڪي، لڪين لهي آيا لڪي،
سنڌوءَ جي سُرڪ جنهن چڪي، سنڌوءَ جي سُرڪ جنهن چڪي،
پيءُ نـ جان سان جڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي....!!

حساب

اوهانِ گهٽيئي ڪيون الوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو،
حسابَ ٿيندو، ڪتاب ٿيندو، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

پنهي هٿن سان، ٻئي ڪنارا، لُٽيا سندوءَ جا تو سال سارا،
نگر نگر مان لڳن پيا نارا، هي آپ ڏاريندا اچــن اوپارا،
ٿاهيو ڪي ڏانڊن جهڙيون ٽوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

تڪر ڪي ٽوڙي، هي جهنڊا ڪوڙي، پيائي پوڙي، نيندا نهوڙي،
ڳنجي ڳجن پيا، اجهي اچن پيا، جبر جنجهوڙي، ڇڏيندا لوڙهي،
تڏا تڪيا تو چنيون ۽ چوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

وطن جـــا وڙهندا رڳو نـــ راڻا، پير ڪپڙ هي ليون ۽ لاٽا،
اوهان سان اتڪي هي پوندا پاٽا، ڏوڪي ڏارين جا هي ڪيڏندا ڏاٽا،
وطن جو وڻ ٽڻ ٻولي پيو ٻوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

بندوقون تاڻي، صندوقون پريئي، اڃان به ڪنهن پر اندر نہ ٺريئي،
نهوڙي نيندئي هي وانجهي وَر يئي، نہ هاڻي گهٽبي ٻئيان جو پريئي،
ڪٽي پونديئي ڪتا ۽ ڪوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

وڪون وڏايو، وٺن وڏايون، صدائون ”منشي“ اڏين تان آيون،
هي سنڌ چايون چون ٿيون مايون، نہ ڏينديوسين پنهون هي سايون،
لوڏيو ٻٽڻ ڪي ڏين ٿيون لوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

يـا سچ ڪٿي، يـا ڀچ ڪٿي،
يـا موت اچي، يـا روڳ ٿٿي.

آهي ماٺ ٻـ قومي ڏوهه وڏو، ڇا ڏوهه وڏو ڀـر ٻوهه وڏو،
جنهن مانجهي پانڊي موهه وڏو، تنهن لاءِ نـ آهي روهه وڏو،
هن رات جي وات ۾ ڪات ڪشي، جيسين نہ هٿي ڪا باڪ ڦٽي.
يا سچ ڪٿي، يا ڀچ ڪٿي....!!

ان ماٺ تـ ماريا مير ميان، ٿئي قـوم سڄي زنجير ميان،
اها توڙڻون ناهي تقدير ميان، جو جهانگين پيٽڙا جهير ميان،
اهو مرض نہ لا علاج نہ آ، جو ساري حياتي ڪين ڇٽي،
يا سچ ڪٿي، يا ڀچ ڪٿي....!!

ان راهه جي راهيءَ ٿڪ نـ ٿئي، ۽ پڇڻ جاتي پڪ نہ ٿئي،
ڪٿي لڪون جهولا جهڪ نہ ٿئي، ان ڪر جو ڪونڌر ڪڪر نہ ٿئي،
يا شوريءَ سرهو سِرُ وڃي، يا قوم تسان لاهبا لوهه ڪٽي.
يا سچ ڪٿي يا ڀچ ڪٿي....!!

وڏيرا ور ڏيئي ووٽن لئہ، وري وريا وٽاڻن تي،
ڇڏي بنگلا، ڪاهي ڪارون، ڳڳا ڀاڳين جي ڀاڻن تي.

پنجن سالن جي پيڙهه لئہ، سنڌ ڏيندا وري سانگي،
ڏنگيندڙ ڏيهہ ساريءَ جا، ڏسڻ ۾ ٿي ايندا ڏانگي،
سکهو گهر ۾ نہ سانگين جي، ڏلن ڇڏيو ڌلو ڌانگي،
ڪٽي نڪ ٿين جا ٿي سوَ، ٿلهي رسيا سي ٽاڻن تي....!!

ڪرائم ڪنٽرول ايڪٽ، ۽ ڊي-پي-آر جو ٻيو ڊپ،
ڪپيين ڪوس هي رهندو، قوم ٿي ڪاٿيون اهيئي ڪپ،
سون سالن ڪان سانگين کي، ٻيو سونگهي هي ساڳيو سپ،
سڙي ٿي دل ستم ڏسندي، سدا سانگين سياڻن تي....!!

پنجن سالن ۾ جن توکي، ڪيري ڇڏيو پنهنجي پرين؛
متان تن سان تون هاري، وري سڏ سان سڏ پڙيين،
نہ هي تنهنجا ٿيا، ٿيندا، ڪو اڄڪله ڀنا سيا ڀڙيين،
سياڻي سپ سوڌر ٿو مان، ڏڪون لاهيندا ٽاڻن تي....!!

پڻساءِ تون ڪٽي پيارا، اهي ڀرين سنديون پاڳون،
اٿي وٺ وطن جا وارث، هاري پنهنجي هٿين واڳون،
ڇڙو ڪڏجو تہ چنبن سان، چٽ چورن ٿين چاڳون،
متان قاسو چوي ”منشي“، انهيءَ چوٽيءَ جي داڻن تي....!!

رهزن

راهزن کي اي عزيزو، رهنما سمجهو متان،
پنهنجي پيڙيءَ جو ڪڏهن ٻيي، نا خدا سمجهو متان.

آشنائي زر ازل کان، جي ڪي آهن رهنما،
تن کي پنهنجي درد و غم جو، آشنا سمجهو متان.

پنهنجي مقصد لاءِ ڪندا هي، واعدن تي واعدا،
پر انهن جي واعدن کي، واعدا سمجهو متان.

پاڻ ڪوڙا، قول ڪوڙا، ۽ سندن ڪوڙا قسم،
سادگي ۾ اڄ انهن کي، پارسا سمجهو متان.

هاڻ ماضي کي ڇڏي ڪو، نئون نسل پيدا ڪريو،
چالبازن جي مڪر کي، سچ صفا سمجهو متان.

هي سدائين قوم کي، نيلام ڪن ٿا دوستو،
تاجرانِ قوم کي اڄ، گهڻگهرا سمجهو متان.

چار ٽڪا، ٻوڙ ٻاڪر، چانهه ۽ بسڪوٽ کي،
درد پنهنجي جو اوهين، دارو دوا سمجهو متان.

هاڻ جيڪي جن ۾ چڙهي، "منشي" گهڻا اينندا مگر،
ووٽ ڪان جي ٻوهه ۾ اپندا، سي مٿا سمجهو متان.

ويڪائو

وري پينگ ڪئي جن سي ياڻو اچي،
اچي ويا وڏيرا ويڪائو اچي ويا.

کسابن کان ڪُهندي لنگهي ويا جي ليکو،
وري سال پنج سي ڪَٽڻ آيا ٽيڪو،
ورو سپ ويڙهيچا وٺون واٽ ٻي ڪو،
سوين پاڻ ۾ سوپ ساڻو اچي ويا....!!

اٿي ۽ لٿي ۽ اجهي جا ڏيئي نارا،
ڪيئون قوم اگيان پنهنجا مُنهن ڪارا،
ڪڏهن بنجي اسلام جي اک جا تارا،
ڪڏهن بنجي لينن ۽ مائو اچي ويا....!!

طبلچي وڏيرن جا طبلا وڄائن،
وڏا پاڻ کي قومي ورکر سڏائن،
کوڙن کي اهي پُٽ ڪاڻائو کٽائن،
ڪکا کرمٽي ڪنڊ ڪائو اچي ويا....!!

وري ورک ۾ غرق ٿي وڏيرا،
ٻه مهينا ٻولينڊا ڪندا ۽ ڪانڊيرا،
پٽيندا پوء پنج سال وانگين واهيرا،
گهڻا ڏيئي گهٽيو جن سي گهاڻو اچي ويا....!!

وڏيرا وڏا قوم وارث پيڙهياتا،
ڪئين پور پوڙي هي ويٺا پيڙياتا؛
هي چاتا سچاتا ڪسيو تن ڪان ڪاتا،
ڏڏي ۾ ڪري هاڻو مياڻو اچي ويا....!!

ٻلو جن جا ٻينر ۽ جهنڊا پيا ڦڙڪن،
پٺاڻن جي اکين مان شعلا پيا ٽڙڪن،
سڄي سنڌ ۾ دشمن جون دليون ٿيو ڌڙڪن،
سچا ۽ سونهان ”منشي“ سائو اڇي ويا....

●

هر بشر غمگين تنهنجي ڪوٺ ۾،
ڏاهي ڪا تسڪين تنهنجي ڪوٺ ۾.

چار ٺيڪيدار واپاري ٻـــه چــار،
سڀ ڀيا مسڪين تنهنجي ڪوٺ ۾.

واه ڪورٽ جج تون جلاد تون،
ڪوبہ رهندو ڪين تنهنجي ڪوٺ ۾.

هر معلم وڏــج ۽ واپار سان،
دين سان ٻي دين تنهنجي ڪوٺ ۾.

ستم هر جورو جفا توکي روا،
نُور سان نابين تنهنجي ڪوٺ ۾.

غم غريبن کي سدائين پيٽ جو،
تون ڏي تون شوقين تنهنجي ڪوٺ ۾.

بيڪسن ۽ بيوسن جي خون مان،
تو لاءِ پيٽرس چين تنهنجي ڪوٺ ۾.

جنهن کي پوري تنهن کي سوري چاڙهيو،
تنهنجو ڏيو آئين تنهنجي ڪوٺ ۾.

مرڪ تنهنجي کي ڏسي "منشي" پڙهي،
سُورت يــاسين تنهنجي ڪوٺ.

وڏيرا

کھڻ ڪاڻ، نڪن ساڻ، ڪري ناهم وڏيرا،
ڪئين راڄ، ڪتن ڪاڄ، ڪيئي واهم وڏيرا.

سچي سانگ، ڪارا نانگ، ڇڏيا ڇانگ تو ڇوڙي،
جن جا تم وهم وات سي ويا ڏيهم ڏنگوڙي،
سچو سانگ، ڪٿي ڏانگ پنيان تن جي پيوڙي،
گھڻا سال، سڪايو تو سانگين ساهم وڏيرا....!!

تنهنجي بڪ، بلاشڪ، پڌي پيار ڇون تا،
آهي ڪوڙ رکيو ڏوڙ، اهي هوڪا هڻن تا،
تنهنجا ٻول، ڪوڙا قول، ڪنهن کي ڪين وڻن تا،
ماڻهون، مال، تو ڪئين سال، ڪيا ڀاهم وڏيرا....!!

وني چور، ماري مور، ڪيڏا ڪيس ڪيا تو،
بي نور، اڪين پور، نه ٿيو شرم حيا تو،
نه هو نيچ، تنهنجو ٻيج، سنڌوءَ سان ڪو سياڪو،
ڪرسي ڪاڻ، چورن ساڻ، رکيئي چاهم وڏيرا....!!

راتو رات، "منشي" مات، ٿيا غدار وطن جا،
ڪٿي پير، آيو هير، آهين تون به انهن جا،
تنهنجا پار، ڏسي وار، ٿيا ڪانڌار بدن جا،
جنهن ڏينهن، اٿيا شينهن، ڪندئه لاءِ وڏيرا....!!

موکي معاف ڪجو، انصاف ڪجو، سچ سڀ ڪي سڻائي ويندا سون،
جن جهانگين ڏنڙي جهول پريَ، تن ٻـول ٻڌائي ويندا سون.

مان ڪنهن کي پلا چو چور چوان،
ڪنهن ڪانگ چوان ڪنهن مور چوان،
ڳالهه نئين هـي تـازي آهـي،
هـر ڪنهن پنهنجو ماضي آهـي،
خود پيٽ ڪريو اک ليٽ ڪريو،
ڪنهن پيٽ پريو ڪنهن چيٽ چريو،
اسان جڳ ۾ جگنا جوتـي آهيون،
جـوت جـلائـي ويـنـداسـون ....!!

دريـاهـ ٻـهـ لاهـن چاڙهـن ۾،
انسان ٻـهـ چـانـڻـن ڪاڙهـن ۾،
ڪو شيشـن ۾ ڪو شـيـخـن ۾،
هـي قـاضـي هميشه عيشـن ۾،
تعويـذ وٺـن ڪو آهـي سـڳـو،
يـا ڪنهن جـو رت آ منهن لڳو،
ڪاڻا ٻـهـ ڦريـا ماڻهون ٻـهـ مٺا،
ڪنهن ڪين ٻڌا ڪنهن ڪين سڻا،
جـا حق چوڻ تـان ليپ لـڳـي،
اسان سا ٻـهـ ڪمائي ويندا سون ...!!

اهـا ڳالهه اسان لـڪـ ناهـي نئين،
اسان روپ ڏٺـا آهن اهـڙا ڪئين،
ڪو وانـگيڻن جـي لاه وڙهـي،
ڪو مـايـا مـيـڙڻ گهاٽ گهڙي،

ڪرسي تہ اھا ئي ساڳي آ،
ڪنھن لِڪ نہ ليھہ ڪو داڳي آ،
خود پيٽ ڪريو اڪ ٽيٽ ڪريو،
ڪنھن پيٽ پريو ڪنھن چيٽ چريو
اسان ساڏا سوڏا ٻہ‌جھلڙا،
پر ٻول پرائي ويندا سون....!!

مون ڪي معاف ڪجو انصاف ڪجو،
سچ سپ ڪي سٺائي ويندا سون،
جن جھانگين ڏنڙي جھون پري،
تن ٻول ٻڌائي ويندا سون ... !!

●

ٻاٻي

هڪڙي ٻاٻي ڪُهايا، هتي هزار ٻن هاري ڙڃي،
ٽنبي باگي ٻدينگ سان، ڪِار ٿي ڪربل واري ڙڃي۔

چينل چيري ٻاندي پنهنجو، ويري واهي واهه ويو،
هيڏو ڏاڙو لوُنيارن جو، لاشڪ نڪري لاهه ويو،
ڪنهن نه ڏٺو ۽ ڪنهن ٻڌو ٿي، سوڳهو سانڪين ساهه ويو،
انگ اگهاڙن ان ويو ۽، گگدامن ڪان گاهه ويو،
ٻئي آڏامي ٻيهن واهن، اندر ڏس ٿون واري ڙڃي....!!

پنڪا پوتيون آهون آزيون، اوٿين ڪٿين ايلاز ڪيا،
ڪنهن نه ٻڌا ۽ ڪنهن نه ڏٺا هت، اپرن ڪٿين آواز ڪيا،
مارن ڪي مجبور ڏسي هن، قاتل نخرا ناز ڪيا،
ڪيڏا هاڃان هارين سان هن، آمر مير اعجاز ڪيا،
اڄان به جابر روز چون ٿا، آهي جمهوريت جاري ڙڃي....!!

سعدا واه جون سايون ٻنيون، سڪي ٿيون پڙپانگ الا،
شاخ وهٿائي تيل ڪان هيٺان، اَڄ سرن پيا ڪانگ الا،
مال ۽ مارو مٺا وارا، سانگي ڇڏي ويا سانگ الا،
ڏنگ هٿن پيا ڏيهاين ڪيء، نور واهه تي نانگ الا،
ڪنگالن پر ڪنگ رڙيون هي، کهڙي قيامت ڪاري ڙڃي....!!

مارونڙيون مُحراب جون آئين، پاڻي ميان پنڌ ڪري،
اڏ سڄ ايندي ويندي پورو، ماريا ٻئي ير پار پري،
پانهون ڪٿيو پانهياريون سي، پٽين شل هي مير مري،
گنج بحر جا سر سڪي ويا، چارو ڪنهن پر چال چري۔
مور شاخ جا مارونڙا ڪن، توبه توبه زاري ڙڃي....!!

ونگيءَ وارن وانگيئڙن جا، مرندي ڪنهن به نہ مال ڏٺا،
هڏا چڙهہ ۽ هميرا جا، هيٺا ڪنهن بہ نہ حال ڏٺا.
لاڪياري تي لاکيڻن جا، لڇندي ڪنهن بہ نہ لال ڏٺا.
هٿ ڪٽي ويا هاري هرن تان، پورهيو پڇندي مون ڪالهہ ڏٺا.
سائي سبزي سوڪ سڪي ٿي، سنهي گولي ساري ڙي.....!!

پنوهارن ڪي پاڻر واهہ مان، پاڻ نہ مليو پاڻي آ.
پيڙي واهہ تي پيج سڙي ويا، ٻاٽي ڪني نہ پچائي آ.
راڄواهہ جي راڄن جتي ڏس، روئندي رات وهائي آ.
عادو علي ٻحر پنهي جي، کهڙي يار کهائي آ.
رت وهائي رات سڄي هٿ، گهار وارن ڪيئن گهاري ڙي.....!!

هي تہ حڪومت آهي عوامي، ريڊين ۽ اخبارن ۾.
اهڙو آمر ڪنهن نہ وڏو اڃا، مارو منجهن مارن ۾.
سوشلزم اسلام ٿري پيو، ڪارين وڏين ڪارن ۾.
وڏو وڏيرن پاڪر ڪيو، ٻاپاڻن جي ٻارن ۾.
سانگيئڙن جو ساهہ سڪايو، چمچن پيو چوڌاري ڙي.....!!

واگن هٿ ۾ واڳ ڏيئي هٿ، پئن پيينگ ڪرائي آ،
وانگيئڙن سان ويل ڪيا هن، رکي ڏاندا مير ٽنڊائي آ،
پيچ ڳنڊيل جنهن پنگري ۾، سڀ کان ظلم سوائي آ،
محمد بخش ٿنهن مير ڪيا ڪئين، ناحق خون نشائي آ،
جوءِ سڄيءَ ۾ جهانگيئڙن سان، جنگ تہ جنهن جي جاري ڙي.....!!

ٻچي پوندين، جي ڏڙ ڌرتيءَ کي آڇيندين،
نيٺر ڏوڙي نڪري ويندين جي راڻل پنهنجو رت ڏيندين.

جهڄندي جهرندي جهوڪ ۾، ڪيسين رهندين لوڪ ۾،
غلاميءَ جي طوق ۾، ٻچي پوندين....!!

ڪارا فرنگي ڪڙڪيا، ساري سنڌ ۾ وڙڪيا،
ٻاٻاڻا سڀ ڀڙڪيا، ٻچي پوندين....!!

ٻنيا آهي ٻري ويئي، ڀچي ڏاڍي ڇري ويئي،
تنهنجي ڪيئن سري ويئي، ٻچي ويندين....!!

راڻل رت جو ريج آ، ڏينٺو نسلن ڏيج آ،
وقت جو هڪ ٿي ويچ آ، ٻچي پوندين....!!

ڏس نـ ويري وات ۾، هٿ ٻڌي وجهه ڪات ۾،
ڪيسين رهندين رات ۾، ٻچي پوندين....!!

گهر گهر "منشي" گهاءُ ڏسو، هر گهاءُ ۾ ڪيڏو تاءُ ڏسو،
ڦٽڪي پيئي ماءُ ڏسو، ٻچي پوندين....!!

●

کنهن قـــوم کي زهـــر قاتـل پيارو،
کولي مـــت موکي متارن کي ماريـو.

نياڻي نـاٽـــر جي اهـــا مائي موکي،
کنڌهن قوم جي لڄ چڱي ناهي چوکي،
کيڏو قوم کي جنهن ڏهاڳ آ ڏياريـــو ....!

کهڙي کم جا تو، ندوري هي نمائـــا،
وڏي واڪ وکيا، تو پاڳين جا پـــائـــا،
نہ آگ پٽ ڏي اوکي-نمي تـو نهاريو ....!

آجائي لڄ آتـــا، انـــدر جـــن اجـــارا،
نـاٽـر جي ناڏڪ ۾، وهي ويـــا ويچارا،
ککوري سچي کاک، ٻارڻ کنهن ٻاريو ....!

متارن جا "منشي"، هـي لاشن تي لاشا،
موکي مٺي ۾ مستان، ڏسي ٻئي تماشـا،
متارا وچـن پـيـا، پنهنجي پٽ ٻاريـــو ....!

درد

هتي بي گناهہ ٻي ٻبب ڪٺين، مور مانجهي و يا مري،
هاٿي بند ڪر پنهنجي اها، تون ٻي سري ٻس بانسري،

چو تون ٻير ٻيرن کان گهرين، هنج ٻول ڪٻرن کان گهرين،
موتي تي چيرن کان گهرين، ڪجهہ سوچ ڪر او سانوري...!!

ڏرتي پٺي آهي تتي، رنگدار ريٺي رتنگ رٺي،
سچي پچي ستي جتي، پارڻ و يا تنهن تي پري....!!

ٽاٽو نبا ڏيٺي پٺي آن ٽڪي، هاڻ ٻيڙهہ ڪا ٻڌجي پڪي،
ڏاڙيل آ ڏرتي تڪي، تنهن ڪي ڏيڻ پيٺي تري....!!

ويران وانگين واديون، آبادين بر باديون،
تنهن کان سواءِ ڪٺن تعديون، ڏاڍي ڏونگري آهي ڏري....!!

ستي جاڳ پر ريهون پڏان، پنهنجي ڪوندرن ڪيهون پڏان،
رويو ڏيان - رويو ڏيان، ڏاڍي ڳالهہ "منشي" لئہ ٻري....!!

ڪريو قـوم ڪناري ڪريو، گهر ٻيو لٽجي پريو ٽريو،
چوي ٻيو اڄ چريو ڪريو، ڪريو قـوم ڪناري ڪريو.

ڪُن نڪو نيچ چڪي ٻيو مانجهي، واري ونجهه ورايو وانجهي،
سِر سجدي ۾ سر تي سانجهي، ٻيڙي لهرين ڪئي آ لانجهي،
واهُ ڏکيرو وريو وريو، ڪريو قـوم ڪناري ڪريو....!!

پاڳارن پيل پڳ سونهي شل، جوت سان جڳ جڳ سونهي شل.
جن پٽ سونهي ٽن اڳ سونهي شل، دائم سنڌ جو ڏڳ سونهي شل،
پيـاڻ بچائن پاڳن پريو، ڪريو قـوم ڪناري ڪريو....!!

مخدوم هميشه مُخبر ٿيندا، جهڪون جهولا ايندا ويندا،
نوح سندن جي سونهن ٿيو ته ٻه، سِر سنڌوءَ لئه ڪين ڪي ڏيندا،
ڪو ڪو ڪير وڃي ٿو ڪريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

سڌ سمات بلوچ ٻه ساڳيو، ڏرتيءَ سنان جو ٻيو آ واڳيو،
ديس درندن داڳيو داڳيو، زمين جـو آ اڄ ضمير جاڳيو،
وري نه ايندو جي ڏاڍو ڏريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!

ڪيڏي سُهڻي شام سنڌوءَ جي، هنڌين ماڳين هام سنڌوءَ جي،
ڪونجن وانگ آڏام سنڌوءَ جي، دانهه ۾ ڪوڪ اڄ عام سنڌوءَ جي،
ٻارڻ جنهن تي ٻريو ٻريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

سينڌ سنڌوءَ جي سُڪل واري، جنهن ۾ جر ڦڙو نه جاري،
وري ٻه ڪاري ديو تياري، هيبت ۾ اڄ هاري ناري،
ڏرتي جو ڪو ڏيان نه ڏريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

”منشي“ نيٺ تہ ورندا مانجهي، پيڙي مور نہ ٿيندي لانجهي،
سٿي رهندي صبوح ۽ سانجهي، سنڌ نہ پيشندي ڪڏهن ڪانجهي،
وارو ڪريو وارو ڪريو، ڪريوم قوم ڪناري ڪريو....!!

●

●

لِڪ ويا ٿي بِڪ بندوقن، دانهن جا دربند ٿيا
ڪونڌر ڪسن پيا، نونڌ نچن پيا، هاڃان هي هرهنڌ ٿيا.

اي قوم ڪُلهن تي ڪيستائين، ڏولڻ لاشا ڍوئيندا،
ڇوڌاري هي ڇتڙيل ماڻهون، ڏڪ گهٽن جا ڏوئيندا،
يا رهزن اکيان راتو ڏينهان، رت ائين پيا روئيندا،
قومن ڪنڌ ڪپايا تڏهن، رت مان رستا رند ٿيا....!!

جهر جهنگ هاڻي جهيڙو گهرجي، جهيڙي جو ڪو چيڙو گهرجي،
مايون مردن ميڙو گهرجي، پاڌر پاڌر پيڙو گهرجي،
سانگين سيڙهو ويڙهو گهرجي، لڳ نه هاڻ ڪو ليڙو گهرجي،
سنڌ امڙ جا سورن سهندي، ساڌا ساڌا سنڌ ٿيا....!!

ڌرتي جي ڪُک سائي آهي، رت جي ريج رڄائي آهي،
ڪنڌ ڪپاءِ بڻ بچاءِ، ٻي سڀ ڳالهه اجائي آهي،
هي ڌرتي تنهنجي منهنجي آهي، ڪنهن ڌاريين ڌوتيءَ جي ناهي،
آزادي لئه اُنبوه ماڻهون، آهن آسر وند ٿيا....!!

ديس ڍروهي

ڪو وڏ ڦڙو هــت وسڻو آ، هــر ديــس دروهي دسڻو آ،
رت ڙاه رتــولـــيءَ رسڻو آ، هــر ديــس دروهي دسڻو آ.

برساتن ۾ باهيون وسنديون، ڪوهن ۾ پــڻ ڪوريون ٽپنديون،
ڏرتــيءِ ســاري ٽايون ٽينديون، سنڌ سموري ساهون ٽيندي،
آپ اپــارون ڪائي ڪاڻي، نيــت پٽينندو ســاهــي ساهي،
گوريلن جــيــا گيت هــوا ۾، پرندا محبت ميت هــوا ۾،
راڄ ۾ ڪو به نه روڳي رهندو، ڏڳــ نه ڪو ڪو ڏوکي رهندو،
اهڙو ڏينهن بـــ اچڻو آ، هـــر ديس دروهــي دسڻو آ.....!!

هـــي بڪتر بند هوائي حملا، شينهن مـــردن پڌيا شملا،
وانگي ورنـــدا ويــرن وانــگي، ســـر ڪٽائڻ سنڌوءَ سانگي،
آيــا آيـــا چاڻ تـــ آيـــا، گيت ڳنوارن ائين ٻي ڳايا،
ڪرندا ڪنگرا ڪـــوٽ ۽ قلعا، ٻاهر نڪري ايندا ٻـــلا،
ڪونڌر رکندا ڪـــنـــڌ مروڙي، ڪَنن ڇڏينا ٽڪر ٽوڙي،
هي ڳوڻن شهرن ڳيڻو آ، هـــر ديس دروهـــي دسڻو آ .....!!

تاريخ جڏهن تاوان گهري ٿـــي، در در ڌرتي دانهن ڀــري ٿي،
تازو رت تاوان ڀريون ٿا، ڪنهن جي غلامي ڪين ڪريون ٿا،
اهـــڙا ڪئين اســـرار ڏٺاسون، تاريخن جـــا پيٽ ڀرياسون،
دودا، ننگر، پونگر، آيـــا، اهـــڙا لـــکين مـــاڻـــن چايا،
جـــو لهڻو آ ســـو ڏيڻو آ، هـــر ديس دروهي دسڻو آ.....!!

ڀٽـــون اٿندي ڀڙڪو ڪائي، وڻ ٽـــڻ قـــوم پرستي وائي،
ڏهيسر هٽندا دهلن ڏونڪا، ويـــرن وانـــگي ورنـــدا وونڪا،
يورپ جـــا هـــي پاليل ڪتا، نيٽ تـــ ڀڄندا ڪائي جتا،
اڄ قوم جي ڪـــک ۾ ڪان لڳو آ، گهر گهر اهڙو گهنڊ وڳو آ،
هـــر ماڻهو "منشي" مرڻو آ، هن ڀونءَ جو پيٽ تہ ڀرڻو آ،
هـــر سور سنڌوءَ جو سهڻو آ، هر ديس دروهي دسڻو آ.....!!

کري بيدي بنديخانا، ٿئي ويندا، ڇٽي ويندا،
ڏيئي ڏس ويا ڏاڏا نانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا،

ڪٿان ڏيئي ڪروڙن مان، لٽاڙي لڪ لوڙهن مان،
اچو نڪري ٿيو آجا، پنجابين جي پنجوڙن مان،
مچايون پنهنجا ميخانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا...!!

وفاقي ناهي آفاقي، آهي چورن جي چالاڪي،
آدم آ اڌ صديءَ کان هي، اهو ڳهاڙو اهو چاڪي،
ڪيسين رهندا ٿي بيگانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا،

ڇڏي مهراڻ جي وادي، ٿيا اسلام آبادي،
انهن ۾ آسرو ڪهڙو، نه ڪي سي نر نه ڪي مادي،
پنهنجي پاريو ٿي پروانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا...!!

آهيو ڪنونڌر ڏسو ڪيڏا، جگر ڏاريو جبل جيڏا،
حقيقي حق جي هوڪي تي، هٿي هاچان ٿيا هيڏا،
پڇي سپ بتي ۽ بتخانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا...!!

وڙهي هرڪنهن کان ورتئون حق، تنهن جا شايد لڪي ءَ جا لڪ،
اوهين ڏاتار خود ڏيهه جا، جيئو تا ڪيئن رهي جاڄڪ،
چون سپ ديس جا دانا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا...!!

مقابل منهن ٿيا "منشي"، ته واڪن تي ڪري واڪا،
پڌائيندس پاپاڻن کي، بهادر ٿي اچو بانڪا،
مٿان مادر منجي طعنا، ٿٽي ويندا، ڇٽي ويندا...!!

ڌرتي- ڏين- ڌرم

ڌرتي ڏين ڌرم، ڌرتي ڏين ڌرم،
ڌرتي ڪعبو، ڌرتي ڪاشي، ڌرتي ديرو حرم.
ڌرتي ڏين ڌرم

ڏين ڌرم سڀ ڌرتي ڇايا، ڌرتي آهي اتم،
انسانن جي آجائيءَ جو، آهي پيونءَ پرم،
ڌرتي ڏين ڌرم

سنڌ ڌرتي ڏانهن ميري من کي، پاڳيا ڪن پسم،
ڪاهڙ ساري کنهان کوندا، ڪن نه ڪن سي ڪم،
ڌرتي ڏين ڌرم

پريا تريا درياهه هن ۾، بلبل باغ ارم،
ٽڏڙيون ٽڏڙيون هيرون جهن جون، شام وسي شبنم،
ڌرتي ڏين ڌرم

شاهه، بلاول، دودا، هوشو، ڌرتي ڇايا ڇم،
سوڳنڌ سات سچو سنڌوءَ سان ڪوڙو ڪن نه قسم،
ڌرتي ڏين ڌرم

هن ڌرتيءَ جي هر بانڪي جا، بازو آهن ٻم،
رڪ پڳهاري راڻن چڙيا، ڳڙي ٽيا جي ڳرم،
ڌرتي ڏين ڌرم

مٽي سان آ محنت جائن، شرعاً ڪهڙو شرم،
سنڌو ديش لئه تيسين وڙهبو، جيسين دم ۾ دم،
ڌرتي ڏين ڌرم

مارڻي مچايا ملڪ منهنجي ۾، ماڙين ۾ ماتم،
ڏوراڻن کي ڏوڙ وجهي هن، ڪاپايا ڪاڳيون ڪم،
ڏرتي ڏين ڏرم

واهه واهه واهه واهي، ڪري ترايون تم،
سنڌ درياه جو پنهنجن ڪنڌين سان، سهڻو آهي سنگم،
ڏرتي ڏين ڏرم

"منشي" مهڪون سنڌ منهنجي جون، اٿليون عرب و عجم،
هن جون هاڪون هن جون ڏاڪون، پهتيون پورب پڇم،
ڏرتي ڏين ڏرم

منهنجي ڌرتي

هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ، هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ،
ورثي ۾ وڏن کان ورتي آ، تن پيار مان مون کي پرتي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

آهي هر جاءِ هيرن کاڻ هتي، وهي موج پيو مهراڻ هتي،
سچي سونهن سگنڌ سرهاڻ هتي، جنهن سان واسيل وستي وستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هي ڌرتي جيجل ماءُ سڳي، سيرتي لاڙ وچولي سين وڳي،
هي رت دريا مان تار تڳي، هتي گهر گهر قوم پرستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي رت رتولي راڳا ٿي ويا، دشمن پاڳان پاڳان ٿي ويا،
هتي مٽي سان جن ماڳان ٿي ويا، تن پياري وستي وستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي هاڻو ڪو به نه هام هڻي، هي ڌرتي دودا چام چڻي،
هتي راڻن رت جي راند وڻي، متان سمجهين سنڌ ڪا سستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي پيلا ميٽلا پهراڙ يون، هتي ڌرتي اوڊي سايون ساڙهيون،
هتي پاڳين ’منشي‘ ڪيون ڳاڙهيون، تن سنڌ سان انگ الستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

●

پاڳين تي روز پيالا، نت نت نوان نرالا،
ڪيسين هي سور سهندا، ڏيئي عقل کي تالا.
نت نت نوان نرالا.

پونءِ تي هي چيا ٻٽيو آ، تو ڳالهه کي ڳٽيو آ،
توکي ويهڻ وٽيو آ، هر ڪنهن مرنو چٽيو آ،
ساميهي ۾ سور توريو، سڀ کان سندوءَ سوالا،
نت نت نوان نرالا....!!

ڦاهي ڦندي جي سرڪي، ڦاسي پئي سوني جهرڪي،
هڏ سور ۾ پيا ڪرڪي، تنهن کي صحت جي سرڪي،
پيرپٽر پيري پيار يو، اچا ڏک آهن آلا،
نت نت نوان نرالا....!!

موسم به آ موچاري، سرنهن به آ ڦلهاري،
ڌرتي کي ريج رت جي، او تيل آ آبياري،
عيدون به چاڻ آيون، گهر گهر ٻرن مشالا،
نت نت نوان نرالا....!!

ڪتن کي چڙ ڪوڪاري، ڌارين جي ڌڻ کي ڌاري،
پنهنجو پاڻ تي بچايو، ”منشي“ مرم تو ماري،
آخر هي ويڙ وڌندا، جڳ جڳ جيئن جيالا،
نت نت نوان نرالا....!!

●

مُند آهي چري، رات آهي ڏري،
مهڪ موتئي سندي، واهوندي ۾ وري.

توُن کهي اڄ ڪڇي، رَنگ روح جو رچي،
ڪا ته محفل مچي، من جي 'ميران' نچي،
آڏ جيڪو اچي، هڻ تنهن کي تڙي....!!

ٻئي ڪڇي جون ڪنڌيون، ريت ۾ چيٽ ٿيا،
پر جهلا پُٺون جا، پا ڳيا پيٽ ٿيا،
سُونهن سنڌوءَ ڪي، ڏس ته ڪيڏي سري....!!

رات ڪيتيءَ مستان، ڪُونجڙيون ڪُڻڪيون،
جي ٻِرٻيون ٻاڪُرين، سي ٻنيءَ ٻُڻڪيون،
تو سري اي پرين، سون نه ساعت سري....!!

ڪيٽ ڪستوري ٿيا، ڪوڙ ڪنهبا ڪِڙيا،
'منشي' مومل پسي، مينڌرا ڪئين مڙيا،
تو بنا اي پرين، هر پري او پري....!!

كاري كاري رات او ساٿي، ڪباري ڪاري رات،
جوت جڳائي جڳ ۾ جاڳي، پيدا ڪر پرڀات.

ڪوڙي ڪيس اڙيات اڙي ٿو، ٻڪ ۾ تنهنجو ٻار رڙي ٿو،
دل ۾ پتهنجو پاڻ دڙي ٿو، گهنگهر گهاري گهات گهڙي ٿو،
سينو ڪنهن جو ڪين سڙي ٿو، ڦوڙي منجهه حالات او ساٿي.

رئيس جو ڪتو ريشم پائي، غريب جو ٻار اگهاڙو آهي،
ائين لکيل اسلام ۾ ناهي، تون ته ڪمائين وڏيرو کائي،
رت پسينو اسان جو آهي، هن ڪيو هضمات او ساٿي.

وڏو وڏيرو ڪين ٿڪي ٿو، ڪنهن جي ڏيءَ ۾ نونهه تڪي ٿو،
ماروئڙن جو ماس الاڙي، هتي وڪامي پئسي ٽڪي ٿو،
حال ڏسي هي ڏيل ڏڪي ٿو، ظاهر هي ظلمات او ساٿي.

مارن جا کڀي ماس هڏا، جنهن تي عيش ٻيا ڪن پيٽ وڏا،
پاپي وڏيرو پاڻ پڏاءِ، پاڻ جهلائي پاڻ چڏاءِ،
وقت جو ساٿ مليو تو آهي، حاصل ڪر نجات او ساٿي.

ڇا جو ٿانءُ ڇا جو ٽاٽو، مسڪينن جي ماس تي گهاٽو،
سردي گرمي ساڏو ساٽو، پوءِ به گهر ۾ ان نه داڻو،
سمجهي سيٺ ٿو ڪاٺ جو ماڻهو، هئي هئي هتي هيهات او ساٿي.

'منشي' کهڙا ماروئڙن جا، ڪريان ڇا مذڪور هتي،
ذري ذري ۾ وک وک تي، ويڙهيچا وهلور هتي،
ڏوتيئڙن ڪي ڏيهه سڄي ۾، سور مليا سوغات او ساٿي.

روپا ماڙي

هن ڳاڙهي ڳارهي ماڙيءَ ۾، ڪئين روپ هزارين رنگ هئا،
سي ڏينهن هئا نت نينهن هئا، ڪن نامڪن جا ننگ هئا.

ڇا شهزادن هت شان هئا، مانجهين مردن مان هئا،
ڇا آن پريا انسان هئا، ڇا سورهه پٽ سلطان هئا،
ڇا پاڳوءَ جهڙا پان هئا، جن دودن ڏنئا ڏا هئا،
پر غيرت محبت حڪمت حشمت، دولت ۾ سي دنگ هئا.

ڇا گهم گهمان هئا گهوٽ هتي، سي گهوٽ به ڪي اٺموٽ هتي،
ڪو دودو چوٽان چوٽ هتي، ڪي ننگر پونگر سوٽ هتي،
هو اولو هر ڪنهن اوٽ هتي، هئي هيرن مٽور نه کوٽ هئي،
۽ چالن ڪنڌين چؤ واٽن تي، چرندا چوڏس چنگ هئا.

جن تر بر هئڙا ڌاڪ سدا، سي بانڪا پٽ بيباڪ سدا،
تن هنڌين ماڳين هاڪ سدا، ۽ دل جا پاڪئين پاڪ سدا،
سي ڏگ ڏٺي هن ڌرتيءَ جا، تن ڏوپارن جي ڌاڪ سدا،
سي وارو واهر وانگين جا، ۽ ويرين وجهندا ونگ هئا.

ڪڏهن رم جهم رم جهم رات هئي، ۽ هيرن موتين تات هتي،
ڪڏهن برهه بياني بات هتي، لک لاکيٽي هر لات هئي،
ڪڏهن ورهه جون وايون وات هتي، تي برهه وٺي برسات هتي،
ڪڏهن جوڌا جاني جاءِ انهيءَ تي، جوڌي بيٺا جنگ هئا.

ڪڏهن چوڌاري هت چس هئا، ۽ وانگي پنهنجي وس هئا،
ڪڏهن گهوڙن گهوٽن گس هيا، ۽ ڏس ڏس تن جا ڏس هئا،
سي قلب نه رکندا ڪس هئا، ۽ جيءَ سان چوندا جس هئا،
ڪڏهن تاڪن کي تڪبير وجهي لئه، ٽٻا تازين تنگ هئا.

هن ڌرتي ڌنڌا ڌار هئا، هت ٻاگهين رهندا ٻار هئا،
جي دشمن لئه، ڏاورا هئا، ۽ يارن جا سي يار هئا،
هت هانسا پٽ هزار هئا، سي مانجهي مٽيادار هئا،
هت راڻا سوڍا رهواسي ڪئين، ارڏا پٽ اڙٻنگ هئا.

هت شاهه وڏا شهزور هئا، ڪي ”منشي“ مانجهي مور هئا،
سي ايرن عاجز آهڪن جي نت، پاڻ ڪندا پرگهور هئا،
هر ڌارئين ڪي هئا ڌوڙ ڪندا، هت دنگ دليرن دور هئا،
تير ترارين ڀالا تن وٽ، ڍال ڍڪڻ جا ڍنگ هئا.

ذوهـــا

هر هڪ روح جي لاءِ رحمت، هاري ۽ مزدور جي محنت،
ڀاڻ ڀتوڙي لنديون لتوڙي، جوڙي جڳ جي لاءِ جنت.

بيشڪ باني ملڪ سڄي جا، هاري ۽ مزدور ٻئي،
اڻو لٺو ڪن اجهو ٻه پيدا، سهسين ڪائن سور ٻئي.

ايئرڪنڊيشنن بنگلن تو ڙيي، محلاتن جو ورتم واس،
ذري ذري تي مزدورن جي، ماس سندي ٿي آيم ٻاس.

پورهيت پنهنجو پگهر وهائي، ساري جڳ ۾ جوت جلائي،
ڪير ڪمائي ڪير ٿو کائي، هت سا ريت نرالي آهي.

هاري ٻر ۾ ٻاغ بنائي، هن جي محنت هرڪو کائي،
رت ولوڙي جڳ کي جوڙي، جهڙس جڳ ۾ ٻيو ڪو ناهي.

هر هڪ روح جي لاءِ رحمت، هاري ۽ مزدور جي محنت،
پاڻ ٽوڙي لنڊيون لٽوڙي، جوڙي جڳ جي لاءِ جنت.

راتو ڏينهان ميهان نيهان، دل ۾ تن کي ڪم جو غم،
ملڪ جي لئه مزدور ۽ هاري، ”منشي“ آڇي هڏ ۽ چم.

منهنجي سيني سنڌ وطن جي، سانگيئڙن جا سئو ر سوين،
پورهيتن کي پچندي ڏسندي، ٻاپل جا ڳن پور سوين.

ڪنهن جا ڪتا روز پيئن ٿا، ميها مٺين مُنهن ڪير الا،
جهڙ ڦڙي لئه جهوتون ڏيندي، جهانگيئڙن پيا جهير الا،

ريسن ڪيسن رئيس هزارين، روز لتائن لڪ الا،
لوھ منهنجي ۾ لڪين ماڻهو، ٻڪ جو ڏي ويا بڪ الا،

بيڪارن کي بنگلا ڪارون، پرهيت هڏڙي پيٽ ٻڪيا،
چانپ آدر ۾ لنگ اگهاڙا، ٽڙڪن مارو ڏيل ڏکيا،

رهزن رهبر روز پيئن هٿ، رهواسين جو رت الا،
چورن چوسي آهي چڪايو، سانگيئڙن جو ست الا.

مرتداسين پر "منشي" پنهنجي؛ وانگيئڙن جا ويبر وڏي،
پيٽو جن پاء پورهيتن جو، تن کان سولو سير وڏي.

سڏ سنڌوءَ جو سڻندي ٿي، سر گھوري ويا سر گھوري ويا،
قوم جي ڪارڻ ڪوپا پنھنجا، ڪنڌ ڪلھن ڪان ڪوري ويا.

ڳاڙھا ڳيرو سينڌ سنڌوءَ ۾، سورھيه ويا سندور ڀري،
ڏيھ ڏياڻيون ٻاري ويا، ٻي نور اکين ۾ نور ڀري.

ناز نپايل ڪلھا ڪونڌر، لال لھوءَ ۾ لال ٿيا،
مانجھيٽڙا ڏيئي مان مٽيءَ کي، ملڪن لاءِ مثال ٿيا.

گجندي گڙندي گرز ۽ گوليون، سورھيه سيني سھندي ويا،
ڏوڙ ڪنداسون ڏارين کي ھن، ڌرتيءَ تان ائين چوندي ويا.

ٻاٽ اونداھي ۾ ويا ٻاري، لال لھوءَ سان لاٽ ھتي،
گھاٽ گھٽا گھنگھور منجھان ويا، وانگين ڏيئي واٽ ھتي.

آھن اڄ اوسار اُنھن جا، ڪيئي ٻندر ڪان ڪشون،
موت کي ماري مات ڪري ويا، مرد مجاھد مانجھي ٻور.

گھور وڄان تن گھوڙن تان جي، سنڌ مٿان سر گھوري ويا،
چئني طرفن چٽڪن ڀريل، چنگ چگيرو چوري ويا.

ننگي پنھنجو ننگ سڃاڻي، ناتو نينھن نڀائي ويا،
محڪم محبت سان ھو "منشي" جڳ جي جوت جلائي ويا.

هن نگريءَ کي نگري جي، بيماري لڳي چوڌاري ڙي،
مسڪينن جو ماس پيو کامي، ظلم هتي ڪئين زاري ڙي.

سانگين سر تي سور سوين ٿا، ڏين سياسي ساڻيا هتي،
ماروڙن جي ماس مٿان آهن، آڪرا پاڙا ٿاٿڻا هتي.

ويس ڍڪي موسيٰ جو البت، آيا هتي ابليس وري،
آڙ وٺي اسلام سنڌيءَ سي، ڪرڻ گهرن ٿا ڪيس وري.

هن جي سياست پيٽ جي پوڄا، هن جي زبان ۾ زهر الا،
ڪير پڌيءَ ڪير سٺي هي، ڪيئين هلندا قهر الا.

رهبر منجهي رهزن ٿي پيا، راهگيرن جي نه راهه رهي،
هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڪاتي، ڪنهن نه خبر هي ڪيئن وهي.

داد رسيءَ لئه دانهون نه ڪريو، درد وندا بيداد هتي،
ڪير نه ٻڌندو، ڪير نه سڻندو، ڪنهن جو ڪو فرياد هتي.

لهوءَ اوهانجو لو پين لڇن، سانڍين ڪي آهي سيباڻو،
هلو هلون ڪنهن ٻي نگريءَ ۾، ڏيهه ڇڏي هي ڏاڏاڻو.

"منشي" هتي مجبوري آهي، پوري جنهن تي سوري ڙي،
ڏاڍو ڳابو هن نگريءَ ۾، دوست هتي دستوري ڙي.

بيت

هــاري تنهنجا هــٿ، چُمان ڪهڙي چـپ سان،
تـون تـہ آهـا ٿــي وٿ، جنهن ۾ ساهہ سنسار جو....!!

شهيد صادق هاري

سورهيه صادق سنڌ جا، سانجهي سزاري،
ريج ڏيئي تو رت سان، ڪئي متي موچاري،
جيجل ساڻ جوان تو، پوري پت پاري،
ڳاهون ڳائن پيا ڳوٺن ۾، تنهنجون هاري ناري؛
سامهون سنڌي سيني ۾، گوليون گرناري،
تو پارڻ ڏيئي پاري، سا ورهيه ڪاني وساندي...!!

سا ورهيه ڪاني وساندي، جا جوڙي وڏين تون جنگ؛
عضوا آڇي امر ڪئي، وڏين نيهن نڀائي ننگ،
رت نه ويندو رائگان، هي زاڻا لاهيندو رنگ،
دشمن ڏين داد تو، تنهن دليريءَ ۾ دنگ،
ڏاڍن جا هن ڏيهه ۾، ڏوٽين سنا ڏنگ،
وانگيئڙن تان ونگ، ڪڍهن لهندا قهر جا...!!

پورين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا ڏوٽني ڏاڏاڻا،
پرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا نوري ناناڻا،
پرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا مرڪن مهاڻا،
پرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا سانگي سياڻا،
اڏيل اباڻن جا، جتي جهوپا ڪڪاڻا،
سيني ۾ سي صادق ڪي، سدا سيباڻا،
ڏارين جا تنهن ڌرتيءَ تي، اڇي پير پيا پاڻا،
حق نه ملي هارپ جو، ٿيا ويئل ويڳاڻا،
داروءَ جا داڻا، ڏکي پيا ڪنهن دل ۾...!!

هاڻي هن عوامي، بد حڪومت جا حال،
بوري اچي زوري ڪيا، هت جابر ڪئين جنجال؛
ڪتئي ڪمدار ڪامورا، تنهن لبي ڪيا لال،
ڪمون جهڙا ڪري پيا، ڪي پڪل پاڙيا پال؛

چنڙ صوبيدار ڪئي، چمچن واري چال،
لڏي وچو هِن لوھ مان، اهنجي مهاڻا ڇا مجال،
ڳاريون ڳوليون ڳگدامن تي، پيا ظلم لا زوال،
ڪيا بندوقن بتال، ڏوتي پنهنجي ڏيهہ ۾....!!

ڏوتي پنهنجي ڏيهہ ۾، ڏڪن ۽ ڏسڪن،
ڏهڪاءُ ڏسيو ڏاڍن جا، جهانگيئڙا جهڄن،
ٻاهيون لڳيون ٻڙڪاٽ ٿيا، جهوپا ٽا جلن،
ڪارا ڪڪر ڇانئيا، ڪيون ٻاڪارون ٻارن،
قهرُ ٿيو، ڪيڏانهن وڃون، ڪيون وايون وانگيئڙن،
انگ اگهاڙا، پيٽ بکيا، سانگيئڙا سهڪن،
اندر جن جا آگ ۾، ٿاندن جيئن ٿهڪن،
هڪڙا ملوڪ ماريا، پيا ٿيا قيد وچن،
ماٺهو نہ رهيو ملاحن مان، جن جوڻ وهون واڪاڪن،
ليڙون لٿا، چڙيل ڇتا، پٽين پار ڪيڏن،
سر ناليءَ تي سوڍيون، ويٺيون ويچارين،
پيٽ بکون ڏرتي هندءَ، اوڇي آپ اٽن،
سي جاني ويا سڀ جيل ۾، جي آٺن ۽ ڇاڙهين،
”منشي“ ماروئڙن، سهم سٺا ڪئين سنڌ ۾....!!

سهم سٺا ڪئين سنڌ ۾، آيل اباڻن،
معتبر هن ملڪ جا، تماشايون ڪن،
وڏيرا هن وانگين ڪان، رڳو ووٽ وٺن،
مير، پير، معتبر، ڪُرسي لاءِ ڪڙهن،
اڇي ڪو انصاف لءِ، ڳاريون جام ملن،
شاباس هڪڙي شاديءَ کي، جنهن ڪئي مدد ماروئڙن،
مدد عيوض تنهن کي، ڏسٽا جيل پون،
سوار صوبيدار ٿيا، ماٺهون جي مارين،
پروموشن پڪ ملي، مارو جي مارين،

ھاري تنھنجا ھٿ، چڱمان کھڙي چپ سان،
تون تہ آھا ڏسي وٽ، جنھن ۾ ساھ سنسار جو...!!

ھاري تنھنجي ھڙ، آھي ويري۽ وات ۾،
ڪڻ کھاڙي ڪڙ، پٽيان پير پليت جو...!!

ھاري تنھنجا ھٿ، ڪسر ھيري ڪوھ نور ڪان،
تون ئي ساھ سنسار جو، تون تان وڏي وٽ،
پر ٻپھري لئہ ٻٽ، ڪائيندي تون ڪپي وڏين...!!

ھاري ھڻ ۾ ھٿ، ڪش ڪھاڙي ڪنڌ ۾،
ويري وڃ وري ويا، وڏا ڪائي وٽ،
اھڙي سنئين سٽ، جو مٽڪي ڪان مٿي وڃي...!!

وڏي وڏيري، اک تنھنجي آنءِ ۾،
ڪش ڪھاڙي ڪنڌ ۾، وجھہ ڪانئر ڪي ڪيري،
سنگ سيبئي سيري، گھوٽ ڪٽي رک گھر ۾...!!

ڏاڍن جا ڏکا، ڏيھاڙي ڏيرن مٿي،
ھوڪا ھئي حق لئہ، نہ ڏي لوڪ لڪا،
پورھيت پنوھارن جا، پوچيو پوچ پڪا،
ويرين جا وکا، پيو ڪر تون پڌرا....!!

سوار، صوبيدار، ايس پي، سڀ پائر پيچ رهن،
قهار ڪامورا ڪئي سپ، نائي ڏانهن نمن،
وري هائي ووٽن لئه، پيا وڏيرا وڙڪن،
پڇو نه ڪنهن پير پري، ڏک پر ڏوتيئڙن،
’منشي‘ شال مرن، اهڙا موذي ملک مان...!!

مرن موذي ملک مان، جن جي من نه مرم،
ڪڙهن سدا ڪرسيءَ لئه، وڏا بي شرم،
سدا پوڄاري پيٽ جا، نه ڪو دين ڌرم،
دغا دولاب دل ۾، ڪوڙا ڪڻن قسم،
کڻي قرآن، پنج پٽ، پيا هڙيئي ياد حرم،
تنبڻ ڏوپي، لاهن لوپي، ڳالهيون ڪن نرم،
ڪم ڪيڏيو ڪنگالن مان، پوءِ گفتا ڪن گرم،
اهڙا بي شرم، هاڻي قائم رهندا ڪين ڪي...!!

قائم رهندا ڪين ڪي، اهي ڪوڙ مٽيءَ جا ڪوٽ،
مري مري مارو ڦڙن، سانجهين ڪاڏي موٽ،
ڏوڙ ڪنداسون ڌاڙيلن کي، نيٺ تہ چڙهي چوٽ؟
سانگي پڌي سنڌ ۾، گهڙي ٿيو گهوٽ،
سانگيئڙا جي سورن ۾، سڀ ڪي ٿيا سوٽ،
اچو انڀن اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون...!!

ڀاڄي ڌاريئي ڀولڙا، ڏيڍ مٿا ڏڦير،
ووڪو ٻنا ڏير، پنجين پاڻيين ڀڏرو...!!

ڦيهون وڏيرن جون، وريون وفاقي،
ڀٽو هي پنجاب جا، ڪمائي ڀاڪي،
سڪا ٿي ساقي، ٻيارين ٻراين کي...!!

ور ڏيو وڙهيو وڄن، وردين سان ويري،
پنهنجا ڏي ٿيا پاڻ سان، پيري ڪپيري،
مارن لٿ ٿيري، انهن اڪ ازل کان...!!

وڄهو وڄهو واجهه، وڏيرا وانگين مٿي،
ڪڏهن ايندي ڪانڪا، ٻاپاڻ تي ٻاجهه،
ڪونه جيئندا اجاجه، قوم ڪيرائي ڪن پر...!!

ڪبڏي جهل جهروڪ، حجرن حويلين پر،
لڪي لڪي ڪانڪا، لوڪ آ منهن موڪ،
رت روئاري رات کي، ڏينهن هٽي پيو ڏوڪ،
هاڻ ته لعنت طوق، ڪيو وڏيرا ڪنڌمان...!!

ڇوري چنڙي هيٺ، ڀرت ڀري پٺي ڀورڙي،
ماڙيءَ مٿان سيٺ، ٽڪي ٽاڪاڙو ٿيو...!!

واڳو وات وفاق، ڪيئن ڳهي پيو قوم کي،
ساري چٽي سنڌ تي، خنزيرن خوراڪ،
ٽاٽو ٽبا ڏيئي ٽاڪ، ڪڏهن لهندي قوم هي....!!

ڪن ڪياڏون ڪين ڪي، حقيقي هوڪون،
سڪٽيون سانديي جيان، ڦڪيون جي ڦوڪون،
ڪوڙيون جت ڪوڪون، پلجي آت پيڙا ٿيا.....!!

رهواسين کي روڳ، ڏهاڙي ڏيرو ڪري،
رس وفاقي وات ۾، ڦٽو ڪياڻون ڦوڳ،
ڪيڏا ڪوندر قوم جا، ديڳين چڙهيا دوڳ،
پاڳيا پاڻن پوڳ، سوڙهي ٿئي پئي سنڌڙي.....!!

ڪو نه ڳڌيو ڪنهن کي، ڪنهن نه ڪنهن جي ڪل،
اچي پڌري ڪوڙ تي، گهوڙا هيڏي گهل،
پٽيو پٽي پار ڪيي، سنڌو سيني سل،
ڏولڻ اها ڏيل، ڪڏهن لهندي قوم تان.....!!

ڪيسين پيو پچندين، ٽيي ڪباپي سيخ،
ماڻهون ويا مريخ، تون اتي پيو اوجهرين.....!!

ڪيڏي سونهن سرير ۾، ڪيڏو حرص هڳاءُ،
ٻاڪاري اڄ ٻڪر جيئن، ٻن ٻارن ماءُ،
جاڳڻ جوءِ جڳاءُ، سمهڻ ويندي سنڌڙي.....!!

جاڳو او جاڳو، اڃان ڏيو اکين کي،
سنڌوءَ ورتو سور جو، ڏونئري ڏينهن ڏاڳو،
سورن جو ساڳو، وڌندو اچي ويڙهه ۾.....!!

سڏي ۽ سڏڪا ڀري، نرن ۽ نارين،
همت ڪٿيو هڪلون ڪري، هاڪاري هارين،
مون ڪي ڏنا مارين، ڀاڀي ڀڄوڙن ۾....!!

ورو ورو وارثو، ٿيو ولهيءَ جا وارث،
هٿي ڀٽي هاڏي ۾، اوهان جي آرس،
جي ڀاڻ ٿيو ڀارس، ته سون سموري سنڌڙي....!!

پدمڻي جي ڀير ۾، ڀارس ٿي ڀارس،
منهان ماڙيون ٿي ڀون، جي ولهيءَ ٿيو وارث،
ڪهڙو آهي ڪس، جي ڪٽان قربانيءَ ڏيو....!!

پدمڻي، اڪ ڪڻي، جيڏانهن نهاري،
هر جاه هلي هوڪ ٿي، هيرا ڀٽي هاري،
ڀيا، ڀهاري، ڪٿي ڪاهڙ مان ويا....!!

پدمڻي، ڪنهن چڻي، ڪنهن جو آهي وڀيا،
ڀاڻ ڪريو ڀانهنجو، نبيرو نيا،
سيا سنگيڻان ٿيا، سنگيڻان سيا،
عجب هي انبياء، پدمڻي جي پد سان....!!

پدمڻي واه وڻي، تنهنجيءَ اک اڻي،
ڀنهنجين ڀرايين ڀاڀين، ڦيرائي ڦٽي،
ڏٽي ٽين ڏٽي، ته سيج سرهي ماٽيين....!!

هڪڙو پڌرو پيٽ ۾، پيو ڪولھڻ ڪج تي ڀار،
ڪانڌ ڪاريءَ ڪکيو، بسترَ تي بيمار،
ڀتي پيٽ پرڻ ائين، نبايو ڏونئرن ڏار،
ويڙهي ويا ويچار، ويچاريءَ وجود کي.....!!

ڪولھڻ ڪانبو ڪنڌ ۾، ونجھلي ور جي ڪاڻ،
ڪارا ڪوجھا ڀاڙا، تن جي تاڻو تاڻ،
مٿ وڍي پار ڪڍي، من وڏي مانڊاڻ،
ذرو زهر اماڻ، تہ ڀيڙي تيان ڀڳوان کيءَ....!!

پس پوڙهي مڙس جو، پوڙهيو منجهہ پگهر،
ڪوڏر سان ڪڙيي جا، ڏمريو ڪڍي ڏر،
رت روئاري راڄ تو، وڏيريءَ جو ور،
هاريءَ سان حشر، ڪيڏو آهي قوم ۾.....!!

لاهيارو لائي چٽي، سڄي پيو سيري،
هاري ڀريان هٿ ڀڏيو، اکيون پيو ڦيري،
چر وڏي چيري، پر هٿي هٿي آهي هيڪلو.....!!

گرگ هر هڪ گام ۾ وڏبرو ويري،
صديون ڪان سانگين لڳ، جنهن جي دل ميري،
اهو ڪنبو ڪک جو، ڊول ڪريو ڊيري،
هيري ۽ ڦيري، هميشه جنهن هٿ ۾.....!!

ڏونئري ڏينهن ڏاڙو، لڳو ڪيڏو لوهه مان،
رهيو ڪچاڙو، جهانگين جهڳا جهڙ ٿيا....!!

ڏکـــو ڏيکاري، ڏونئري ڏينهن ڏاڙا هٽي،
هٽين نتو هـــتَ وجهي، واري سان واري،
گهنگهر ۾ گهاري، ڪيسين جيئنديين جنڊڙا....!!

گوڙون گجگوڙون، گوڙن تـــي گوڙون،
ڪڏهن ڪکر لاهيندو، سانگين تان سوڙون،
مانجهين منهن موڙون، ڀڪي ڀڏنديون ڀا گهيون..!!

رات نـــه آئي راس، ٻاڪ ٻڪندي ڪڏهين،
ڪارون ڪريو ڪکر کي، ڪوڪي ڪاليداس،
پکن جي پياس، لهندي ڪڏهن لوهه مان...!!

سنڌ ۾ فلسطين، اکــر ٻــئــي هيڪڙو،
هُت يهودي ڀڙا، هــت منهن ۾ مسلمين،
دل ۾ ٻنهي جي دين، هڪڙو آهي هوبهو....!!

لڳم ڪِل ڪپار ۾، جيئن مون لٿم جل،
سورن سانـــگين جي ڪيا سيني سوين سل،
پلؤ پا ڳين پل، پيليا ڏسيو پـــور ٿيان....!!

سبـــون ميـاٽـي سوجهرو، ٻيڙي ٻيڙي لات،
جيئن چيڙ چمڪي پير ۾، تيئن چولين جا چمڪات،
پر يو پاڏوندر پات، گذر ڪنُ گانگٿين....!!

رت روئي تـي سنڌ جـي، پومي ۽ پاشا
شهرن مـان شمشان تــي، لتا اڇي لاشا،
ڪلن پيا ڪاشا، ووٽ وٺــي ويـري ٽيا،

پاشا ۽ پــومـــي، مندي‌ءَ ناهي مال،
وڪجي جا واڪن ۾، موران ڪنهن نه محال،
پاڪيا جاڳيا پونء جا، پونءَ متي پونچال،
انبوه اسـلام آبــاد ۾، دنيا جا دلال،
شرم اچيئي شال، جيڻن امڙ کي آجي رکين . !!

ويٺي وسائي وانگيين، منڊي ڪڪري مينهن،
پنل ڪل سڪاڻ لئه، چنڊي اٿيا شينهن،
اهڙا راتيون ڏينهن، ڪيئي آيا قوم تي....!!

ڏاڍا آيــا ڏينهن، ڏکيا پنهنجي ڏيهه تي،
والي وار وطن تـي، ميڙاڪي جا مينهن،
وري جيئڻ جو تيئن، آباڻا آجا ڏسان....!!

ڏاريـان ڏيئي ڏوڻ، پڪا پير پٽي ويـا،
پنوهارن پٽيءَ تــي، آهـا ڪچن ڳوڻ،
هينئڙو ڏســي حالتون، پيو تـــي پروڻ،
اهـــا اٿي لوڻ، ورچ ملي وانگيين....!!

ووه ووه جـــا واڪـــا، اڀرا اچـــن،
هاڻو پيا هڻن، ڏاڙو ڏنـــارن جـــو....!!

روئي رتـــي ڪوٽ، داتهن ڏني دريـاهہ کي،
پاپاڻن جـــا پـــوٽ، ڳجهين ڳجهن وات ۾،

مهراڻا تنهـي موٽ، تـــہ روءِ نہ رني ڪوٽ،
اڃان منهنجي اوٽ، ڪئين دودا ديس جا.....!!

ڏودا منهنجي ديس ۾ ڪئين، هي آ ڏودن ديس،
جڏهن هڙيئي هـڪ ٿــي، ورندا ڪري ويس،
مـري ويندي ميس، ڏاريـن ڏاڙيلن جـي.....!!

موهن دڙي مورتيون، ساک سندوءِ جي سونهن،
ويـو وقـت وسـاس ۾، وانگي منجهہ ورونهن،
هاڻي در در ڀُونهن، دکي ديس وندن لئہ.....!!

ڌرتـي ڏنـي ڌنـهـن اڄ، ڳاڙيندي ڳـوڙهـا،
دوُر دراوڙ قـوم جـا، دل تـي پـيس دوڙا،
پـاڏائـي پانهون ڪٽيو، پـڌيـن نـتـو پوڙا،
گهلون گـهـر گهر آئيون، گهوڙا ڙي گهوڙا،
سانـگيئڙا سـپ سيم ۾، سڪي ٿـيـا سوڙها،
قاسيون ۽ ڪوڙا، ڪيسين رهندا قـوم تي.....!!

پـوڙن پـڌي ڪـانہ ڪـا، سندي امـڙ آنهہ،
سندي دردن دانهن، پـيـلا پـرائـي ويئي.....!!

ڪاري تڙ تان ڪونجڙيون، ڪرڪي مٿيون ڪالهہ،
پـلـر نـہ پسي پـٽ تي، لڙڪ وهايئون لال،
سـڪـ نہ سندوءِ سال، چاليهن ڪان چڙهي ويا.....!!

ڪونج پانيا ڪڪَ، مارئيءَ جي ماڳن کي،
پوپٽ جهڙا پڪ، ڦاٽندي ڦوندا ٿيا....!!

ڪونج وڏي ويٺي سونجهه، پاڪاري پڇن لئه،
جيئن ڪوڪن نه ڪونج، چڪيءَ چيٽون ڪري....!!

مٿي ساڏهوءَ ٽيل، هيٺان ڌرتيءَ ٽيٽل،
گهاٽي ڪٺين گهمائيا، هٿ ٻلاول هيل،
رت رتا رابيل، رتا جن جي رت مان....!!

گهٽي گهاٽي پيڙ، آهي عام عوام تي،
ڪنجهي ٿي ڪرڪي ٿي، هي هي هڏي ريڙ،
لڳن ليڙون ليڙ، ڏسيو ڏيل ڏکيو وڃي....!!

جيئن ٿو نه جڳاءِ، پڃري منجهه پکيئڙا،
وڻ وڻ واس ونڻ جو، هيئن ٿو هڳاءَ،
آءُ اڏامي آءُ، سڳهو پکي ست سان....!!

ڪوٽ ڏجي مان ڪوڪ ٿي، رني ڪوٽ مان رڙ،
وڪامن پيا واڪ ۾، وانگيئڙن جا وڙ،
جهانگين جهڳا جهڙ ٿيا، ڪوٽ نه قلعو ڪڙ،
وينا آهن وفاق لئه، در در لاهيو دڙ،
ڏڳها نڪ نرين ڪانءِ، پاڙيائي ۾ پيڙ،
جيڪر اها جڙ، پڃجي ته پاڪائي ٿئي....!!

اڄ واچوڙئي وڄ"، ٻاڙان وڻ اکوڙيا،
ڌرتي ڌٻي ڌونس تي، ياد آيس تيڄ،
ٻيري ٻيري ٻيڄ، ڳوڙيو ٽار جدا ڪري....!!

متان ٻانيو مينهن، وسي اڄ اوڪاٽيو،
اڃان آٽلون ايندين، ڏاڍا ٽپندا ڏينهن،
شيخون ٽوڙي شينهن، ڳڙي اٿندا ڳوڙ سان....!!

ڪانگن ٻر ڪران وران، هٿ ڳولي ڪنهن ڳليل،
ڪڏهن ٽيو ڪين ڪي، هي جو هاڃو هيل،
آکيرا اکوڙي رهيا وڃي رڍل،
ٻچا ڪٺي ٻيل، نوان اڏيٺون نجهرا....!!

ٻاڻيءَ متي ڦونٽڙا، نهن ۽ ڍهن،
ماڻهون اڻين رهن، دوکي جي دنيا متي....!!

جا ڳاڻي ويو جوانڙو، ڳوريءَ ڪي ڳناهه،
مرڪ ڦاسي ساهه، چارئي ٻهر چتا چڙهي....!!

ٽڙ ٽان چورا ٽڙ، هي ڪورم ڪنهن جا ڳڏيا،
لوڙن لنگ ليڙا ڪيا، ڏٻي پيو مون ڏڙ،
مون پنهنجا ڪين پياريا، ٽون ڪرين ويرين تي پيو وڙ،
هيڪل پيا هڙ، آڏون پنهنجا پياري وڻان....!!

چوري ويا چري، سارا سيڙها سانگ جا،
ويٺي پٽون پيڙ پانگ ٽي، جا هميشه هري،
ٽڙي ڪيو ٽر مان، ٽه نه ٿيندي ڳالهه ڳري،
پٺو ماڳ مري، پر ٽڙ نه ٽرڻ ڇڏيو....!!

ميڙ ڏيٺي ڪيو مڙ، ڪا پوتڇاٽيل پاسي نه رهي،
ڪاڻي ڪل سائي ڪندي، پوء نه ڇڏيندي پيڙ،
ٺلهه تي ٿيندي ٺيڙ، هي آهي ذات حرامڙي....!!

ڏاڍا سهي ڏنب، ڪا جنا ڪٽڪي ڪاٺي،
نه ڪا رڙ نه رنب، ٻوٽن ٻوٽاڙا چڙهيا....!!

ڏيهان ڏينهن آ ڏيهه ۾، امن جي اٺاڻ،
سوڙ سوين سنڌ ۾، ڏاڍ هيريائون ڏاڻ،
مون ڪي ماريو ماڻ، مياڻ ماروئڙن جي....!!

سنٽرل جيل سڏي، سنڌ جي سپوتن کي،
سانگو ساه ڇڏي، اچو ته ڪوٽ ڪنبائيون....!!

نمن پچرن ۾ ڪيا، ڳجهن آڪيرا،
تڙجي تتر ڌاڙا ويا، ٻڳن پريا ڳيرا،
وس تہ واهيرا، وسن وارثن جا...!!

پتارن جي پرم جو، پيا ڳياڙين ڪي پوءُ،
ڪنا ڪريت ڪامڻيون؛ ڪن سدائين ڪوءُ،
اوڍي ريشو رئو، لڄ بچائن لوءِ جي...!!

چڱي سا چڻي، جنهن ۾ ستر سانگيين،
جنهن ريبيو روح ريشم ڏي، سادي رت رني،
تنهن نہ پت پڻي، جنهن اپونين سان عيش ڪيا...!!

اديون هو اڏموت، منهنجو ور وريتيون،
وڙهندي مئو ويڙه ۾، جوءِ ڪنيو ڇٺي جوت،
گهوڙا اهڙو گهوٽ؛ ڪهن نصيبياڻيءَ نصيب ٿئي!!....

لڪي لاڪيٽي، جهندو پاڙو مون ڏنو،
مرڻ جيئڻ منهنجو، آهني ان پيٽي،
ڪر چيتيون سان چيٽي، تہ بہ ٻولي ٻي نہ ٻوليان...!!

واسي چندن واس، پوتيي تو پوتي ڪئي؛
اهڙي ڪيئن تو زندگي، روح آئي راس،
لوئي ڪاله ڪتي رکي، ڏوتين منجهان ڏاس،
پاه تہ ٿئين پناس، چئين چٽيءَ ورائين....!!

راڻي سان وهي رڻ ۾ ڇيڳري ڇڏ ڇانگرا،
ڪونه ايندو ڪم، جنهن سيتل لئه سينڌون ڪرين....!!

نڪ گدري ڦار، ڳاڙها ڏماڻا ڳل ٻئي،
ڇيلهه ڇيلاٽي جهڙي، لڏي لچڪيدار،
ڳچي پڪي نيرڳي، جنهن ۾ موتي مٺيادار،
ڪڙي ٻيني ڪوهه تي چوري چمڪيدار،
کهي ٽبي ڪجلين سان، سورهه ڪئين سالار،
اٿين نه مسافر مار، متان راڻو ڪو ريبي وڃي....!!

واسي چندن وار، چوٽيا ڪيئي چوسرا،
سيند سرما سادوري، سورهن ٻيا سينگار،
اڄ ٻه ڪئين ڪاڪ ۾، ٽيندا شاهه شڪار،
ڪوڙين ڪلنگيدار، مرندا تنهنجي مرڪ سان....!!

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، ڇورا نئين ڇات،
ٻورا جنين پرڪيا، سندا ذات نات،
دوڪا تنهن دنگ ٿيا، وارث رسيا وات،
ٽيندو ڪاڪ ڪڙهات، موڪل ملندي مالڪين....!!

ڦندو ڦاسي گهات، مرڪي پائج مينڌرا،
ڪنڌ جنين هٿ ڪات، سي ڀورل ٻلي هن ٻون جا...!!

سئو ورهن جي سِرڻ ۾، ڪروڙ ورهن جو ڪانگ،
پکي پيدا نه ٿيا، نه ڪو هئڙو نانگ،
سنڌ تي سانگين سانگ، اِنهان گهڻو اڳي ٿيا.....!!

ڪالهه اسان تي ڪاوڙيو، ڪاٺياواري سيٺ،
ماضي جيان مزدور جو، هٿ نه هاڻي هيٺ،
اهي سيٺ ندورا نيٺ، وڳ سان ويندا واڳجي.....!!

ڪتابي ۾ ڪاهوڙي، ڳنڍين تنان ڳنڍجن،
هو رهيا ٿي روهه ۾، هي شاهي منجهه شهرن،
سنڌوءَ سان سمن، ٻنهي ٻڌو ٻانگ سان.....!!

توکي جنس 'جساف' ويرين سان وڙهندي اچين،
پڇيو وچن پر ونيو، لوفر هئيو لاف،
مور نه ڪندي معاف، تنين کي تاريخ ڪا.....!!

هوشو هاڪاري، چيو اچي انگريز کي،
پل مونکي وجهه ماري، پر سُک نه ويهندين سنڌ ۾.....!!

چاسينگر چائين، بت بچائين باهه کان،
اچان تون آهين، کچي رچ ڪنهار جيان.....!!

ڏٻــي مڃي سمنڊ کيّ، ڇـا ڇـا ڇاڇولي،
ڏيڏر ٽانءِ ٽانءِ ڏينـديـ ۾، سپون پيو ڳولي،
مـــلان کـــي مسيت ۾ لڪايو لـولـــي،
راڄ ڪٿين رولـــي، ڇتي ڪتي ڇڏيا ... !!

مــلان مروءِ مــــاس، ڪايو هٽي ڪونڪهرا،
ڏيکاري پيو ڏيهه کي، ڏاڙهـــي ٻوڙو ڏاس،
باسي آيو باس، ته سؤ ڪوه رهندس سچ کان ....!!

ملين ڏاڙهـــيءَ منجهه، آڪرو ابلوس جــو،
ڏيهه سڄي لاءِ ڏنجهه، ويري اِن وجود آ ....!!

پيشو پيش امــــام، واحـــد ڪنا وانجهيو،
مـُلين مـُنهن مــــرزو ڏنو، هـڏو جـو حرام،
شرم صبح شام، هو تڙيو ڪڍي تن مان ....!!

مولوي معراج، پنجتي وقـــت پـــاڻ سين،
طمع سندو تـاج، مٿي رکي محراب ۾ ....!!

ملن سندي مــن ۾، ڪينو مــرض ڪوڙهه،
آڇون او ياري جون ڪري، پاڻ وڇي پيو لوڙهه،
نـَوَ نريون نوڙ، ٻڌيو پيو ٻانگون ڏي ....!!

ڇڪيو ڇهري چـــپ سان، ملن مروُ ماس،
رکي سکي رب جـــي، روح نـه آيس راس،
بيناڻي جي باس، انڌي آئي ڪانه ڪا ....!!

پـــاڻ-وارو پـــت، او بـــاري ۾ اکيون،
ڪيي چڏ قلب مان، اي گذارڻ گٽ،
اسان ڪي آچت، ماني مڙسيءَ جي کپي......!!

ڏر ۾ ڏاريلين جـــي، ڏـــر ڏـــرا هـــت،
وٺي سندي وت ويو، ڪنؤ ڪري ڪٽ،
گهر گهر گهڙا مٽ، سڪي سوڪارا ٿيا...!!

وانگين تان وري ويون، ويرين جون وريون،
جُهري جهوپن جهور ٿيا، جهيرن تي جهيرون،
جن ڏٺين ڏيرون، سيئي قاتل قوم جا.....!!

ڪالهه ڪلاچيءَ ڪن جا، واڳوءَ واڊوڙيا،
مورڙي جي ماڪـــ ۾، ڇتا ڪنهن ڇوڙيا،
رت پيئي لئه رستن تي، ڍهون هٽي ڊوڙيا،
وڏيرن ڏوڙيا، پيٽند انهن جي پير جا....!!

واڊوڙيا وتـــن، مرڻ شـــهـــر وچ ۾،
وهـــي پيو واچن مـــان، رتو رت سندن،
ڪئين پياڪو نڏ ڪسن ڳيرو پنهنجي ڳوٺ جا..!!

هي مت موڙها مورهين، مٽيءَ جا ماري،
هـــي آهن قومي رت جـــا، وڏا واپاري،
قيام ڪري ڪاري، پورب ڪان پهتا هتي...!!

پناهگير پريت، پلجي ڪن نه پونءَ سان،
جنهن هي بڇ ٻنيءَ وڌو، تنهن جو گهر مسيت،
هاڻي جيئڻ جيت، سر ڳهري تي سنڌيو...!!

تيئن اڄ سنڌ پنجاب وٽ، جيئن دلي منجهه مڇي،
ڪڙهي ڪنڊي رڃ ري، اڇي هٿ اڇي،
سٺي سٽ رڇي، ويري وات ورهن ڪان.....!!

سير ڌرهو هٿ حقو، گوڏن تائين گوڏ،
ڏاڙيلو ڌرتيءَ جو، لڪڇي منجهان لوڏ،
ڏيڏو مٿو چٽ ڏونگري، اکيون اندر روڏ،
ٻولي جنهن جي ٻوڏ، وڙ غيرت ڪان وانجهيو.....!!

پنجابين پڪيڙيو، مانڊي وارو منڊ،
اوچا وچن اڇري، پيان ٻنجي پنڊ،
رٻوو ۽ رائيوند، پيٽو پيٽي آئيا.....!!

پنجابين پنجوڙ، ڪئين پاڌا قوم ڪبي،
اٿيا ٽوڙڻ اونترا، جيئن آني ڪنييون ڪوڙ،
لاهيندا لٽون هٽي، مٽان سنڌوءَ سوڙ،
مانجهي پڌندا موڙ، رڳي ريٽي رت مان.....!!

ڌوٽي جو ڌرتيءَ ڪي، سيو ڏي، ڌرتي ڏگ،
اٿي پيا اڄ اونيڙا، لڪين لوهي لنگ،
ڪٽي سؤانن سنگ، اڇن هٽندا اڪلون....!!

سورهه سپوت سنڌ جا، دودا دريا خان،
سوين ساماڻا اٿي، جيجل پٽ جوان،
ٻاٻاڻي ٻولي مٿان، ڪروڙين قربان،
گهوٽن جو گهمسان، ڪانئر ڏنو تو ڪين آ.....!!

امڙ اڪ آلي، متان ڪرين ماءُ تون،
وارث تو والي، جيجل جا ڳيا جوءِ ۾....!!

سپوتن سُٺا، سندو تنهنجا سڌڙا،
ميڙيا ڪئين مرڻ لڳ، مانجهي ڪي مٺا،
دِلان ڪر دعا، ته پورا رهون پير تي....!!

مُڇن ساوڪ منهن، ڳلن ڳاڙها ڳيرو،
سندڙي تنهنجو سنهن، اڇن سِرَ سهائيو....!!

سيند سُڪل جو سُنهن، مونکي آهي مامتا،
مٿي تنهنجو منهن، سر ڏيئي ڪندس سندڙي....!!

جيجل ڏني جنهن ۾، لاڏ منجهان لولي،
ڪير وساري سگهندو، سا پاپاڻي پولي،
پاونجاه، پولن سان، چڙ چٽيل ڪا چولي،
لڳي جي گولي، ته به وسري ڪين وجود مان....!!

هٽي نه حاڪم ڪو سگهيو، ضميرن زنجير،
ترت ويندي تڙجي، تو جا ڪٽي تدبير،
جڌهن ڪوندر ڪهاڙين سان، ورندا مٿل وير،
ڏڪائيندا ڏاڍن ڪي، هٽي ڪنارا ڪير،
مانجهي سپ مهمير، سِرَ گهوريندا سند تان...!!

ڪند ڪپيندين ڪيترا، ڪوند ڪروڙين ڪند،
پيل جن جي پيٽ ۾، سندو مادر مند،
ڏيندا پاڻ ملهائي سي، ساٿيهه منجهه سگند،
سوين سينگاري ويون، سسيون سوريءَ سند،
پري ناهي پند، اڇهي آيا اڄ صبا....!!

ڪيڏو ڳوڙ ڳرنار ۾، ڪيڏي تتي تند،
ڪيڏو سور سرود ۾، ڪير بچائي ڪنڌ،
مادر ڇاتي مند، پيئندي پاليا آهيون ....!!

عشق مٿي، مشڪ مٿي، مٿي منهنجي ماءُ،
سهندي سڄون سر جون، دودن هنيو داءُ،
گهاون مٿي گهاءُ، مانجهين جهليا منهن ۾ ....!!

اندر جن استيل، سي ڏيل نہ ڏس تون ڏيرا،
محبت ۾ ميڪائيل ءَ، اٿيا تہ عزرائيل،
ڇا جهلي تن جهيل، جي سيلاني سموند جا ....!!

رڪ سڪ ۾، فولادي پانهون،
تو نہ ڏٺيون ڪڏهن، بيراڳين باهون،
ڪروڙين ڪاهون، مٿيرن موٽائيون ....!!

ڏيج ڳلن جي سيج، سدا سهاڳڻ سنڌڙي،
پلئہ پيئي پرين ڪان هڪ پئي هٿان هيج،
ڏيئي رت جو ريج، ٻڪهاڙان بچائبي....!!

ڳنجي مان ڳجگاهہ، راڻن ڪيو رات ڪو،
ڏهلي دل دشمن جي، سونڪو پيئڙس ساهہ،
ڪونڌر ڪري ڪاهہ، وار ڪيائون ويرين....!!

ليڪ نہ لاسڙيات، هي وجهن ور وڏن ڪي،
ڪاڏا ڪاهڙ مان هٽي، تو ڪاٽڙيا ڪٽين ڪات،
ڇورا نٿين ڇات، پير ڇڏاءِ پهتا اٿئي....!!

اڃان سائي ڪُڪ، پاڻو آهي پوڻ جي،
جيئن جيئن تپن ڏينهڙا، تيئن تيئن مرڪن مڪ،
ڏکن پنيان سک، نئين نسل لئه نسرندا....!!

وري پاڪُوڻ پان، دهرا پيا ڪي ڏوهيڙا،
متان، من ماڻو ڪريو، مٽيءَ رکجو مان،
جيجل ڏيئي جان، پاليو آهي پٽن کي....!!

ليڪا لاهي لڪ، ته آجائي اوڏو ٿئين،
سنڌوءَ تي سمونڊ جيان، طوفان ۽ ٻي نڪ،
واڪي واڪي وڪ، آواز جيئن آجي اڇي....!!

لڇي لڇي ناهه، وانگي تان ويرون وريون،
اٿي ڪن. اونداهه، وائي ٿي وڏ گهري....!!

وائي ٿي وڏ گهري، وڏي اڪيان وڏ،
اندا گهرن اڏ، سچن کي سچي کپي....!!

وڏي اڪيان وڏ، ڏک گهري ٿي ڏاڪڙا،
گوندر گاڏا گذرندا، سي پيٽا ڪري پڏ،
سنڌ نه آهي سڀ، حقيقت کي حق چئو....!!

سونهن سميٽي سنڌڙي، ڌرتي ڪئي ڌنوان،
پاڻيٺ پليٽن پيٽ مان، سهسين سون سمان،
اهڙي ڌرتي دان، گهرندي تان گهوري ڏيا....!!

اڪر ڇرا گوليون، اڪر ايٽم بم،
ڪن جا ڇيرين ڇم، ڪن لئہ ڳڙيون ڳوڙهہ جون...!!

گولي جي ٻولي، اڄ ٿـي آزادي گهري،
جيئن ٻري ٻاروچن جي، ٽڪر ۾ ٽولي،
هو ٿا اڄ هولي، راڻا ڪيڏين رت سان....!!

اوڳاري آنڊا، آڇيئون آزادي ڪي،
ڦڦڙ جن جا ڦٽيا، جيءَ گهمي جانڊا،
ٽڪر ۾ تانڊا، تن ٻاروچن ٻاري ڇڏيا....!!

سوچي صحيح سوچ، وڙهن وير ين سامهون،
ٻهادر بلوچ، ڪسن ڪسڪن ڪون ڪي... !!

پختا عزم پهاڙ، ٻهادر بلوچن جا،
ڏويو ڇڏين ڏڪن سان، ڏارين سندي ڏاڙ،
آهي ٿاڙو ٿاڙ، وونڪن جي وندر ۾....!!

جبل جيڏا جگر، ۽ پهاڙن جهڙا پٽ،
آزادي جا اندر ۾، عشق تنين اڻ - ڪٽ،
ٻار ٻروچا پٽ، پير نہ هٽن پوئتي....!!

جي ايم سيد ڏانهن منتخب بيت

ڪوهيا مارين ڪنپ، پوڙهو پڇري پڇري،
ڏاڏا سنا ڏنپ، ڏاهي پنهنجي ڏيل تي....!!

سنڌ، سيد پاڻ ۾، رويو ويٺا رُون
ڏونڪا هٿيو ڏيهه ڪي، چتا اڪر چون،
ميارون مردن جون، هوندن متي هون،
ڪٽڻ قومي خون، روڏاڙيو ٿو رت ڪري ...!!

ويٺا رت روڻ، سنڌ، سيد پاڻ ۾،
لڪڻ ليڪو ناه جو، ڳاڏا گوندرن،
ورهايو ونن، ٻئي قيدي قول جا....!!

سنڌ، سيد پاڻ ۾، ڏني ڳل ڳراٽ،
سور ٻنهي جو ساڳيو، چيري منجهه چراٽ،
ٻئي گهيري گهاٽ، ٻئي قيدي قول جا....!!

ٻئي قيدي قول جا، ٻنهي ساڳيا ٻنگ،
ويرين وڏا ورهن ڪان، واري ڏاڍا ونگ،
ويٺا چورين چنگ، ٻر پوڙن پڌڻ چڏيو....!!

جنين ٻڏا سنر، سنڌوء ۽ سيد ڪان،
ڪڏهن لتي ڪان ڪا، تنين هئين هُرَ،
دلين اندر دُرَ، پاٺيٺ تن پلتي پيا....!!

راول رني ڪوٽ مان، جنم ونسي جاڳيو،
سين هنيائين سن مان، سُر اهو ساڳيو،
ريهه ڏيئي روح جنهن، ويڙهيچن واڳيو،
پونء ڏٺيو پاڳيو، سيد آهي سنڌ جو....!!

ٻيٺو آهي ٻم تيئي، سيد سنڌو ۽ ڪنڌ،
’ڊيوهيڪل‘ دشمن جي، اصل نه مڃي آڻ،
ڇرون ڏيئي ڇاڻ، اندر جنهن اجاريو....!!

ڏاها تو ڏسي، سا وات نه آهي ونگڙي،
جيئڻ جياپو جنهن ۾، پنوهارن پسي،
ڪيم نه دل ڪسي، توڪل ٻڌم ترهو... !!

ڏاها، تنهنجي ڏس، مون ٻڌي ورتو ٻيچرو،
سائين، چيو سچ تو، سرنده سور سرس،
وڃان ٻيو وات تي، وڏا ڪندو وس،
اچي رهبر رس، جيئڻ هاڻ جنجال ٿيو... !!

صحيح وات سوات، بيشڪ تو بيان ڪئي،
ويچاري وجود ۾، ورتم سائي وات،
اڻ ڪٽ ويري وات ۾، گهمن جهليو گهات،
چارين ٻڌي چوُ ڪنيو، وڏاڏون تنگ تراٽ،
لالڻ ٻاري لاٽ، ڪر آجو اونداهي مان....:!

آهم تنهنجو آسرو، جيسين سيني ساهه،
اواڻان نه اوجهرا، مَر پيا ڪورين ماهه،
رڙهان ڪنهن ٻي راهه، تنهن ڪان مهندئي شل مران....!:

ڏوڙي سانڍو

ساٿيهه منجهان سَنڌ، اڇــن ٿــا اتــاولا،
هيڪر هيڪاند ٿيو، جيڪي هڏهين هڏ،
سندا مـارن هـڏ، وڙي ويرين وات ۾ ....!!

ڪيڏي آهــي ڪوڪ، ويڙهيچن ولهار ۾،
بيـگانــا بـــي ڪفنا، مـــرن روز ملوڪ،
ڏمر ڏاڍ ۽ ڏکـ جي، هنڌين ماڳين هوڪ،
سانگين سانڀ سلوڪ، ڦاسيون، ڦاهيون، ڦٽڪا... !!

ڏاڻن ماڻهن ڏيهه، ڪـي، ڏنـي ڪيڏي ڏات،
ڀاڻ سدائين پــنـــڌ ۾، رهيا ويريءَ وات،
ايسين اکـ نہ پوريئون، جيسين رهي رات،
ويهي وهائي رات، جوت ڏنائون جڳـ کي ....!!

ڏوڙهيءَ منجهہ ٽڪاءُ، منهنجو ڏيل ڏهيون ٿيو،
جوڳي پهتا جوڳـــ ڪي، پيم ڪن، پڙلاءُ،
موٽي پنهنجي ماءُ، سيني منجهہ سينگاريا ....::

چٽـنـگـ مان چمڪات ٿيو، راڻا رتو چاڻ،
گنجي ڏونگر دانهن ڪئي، روئي ڏنو مهراڻ،
ڏوڙهي ٿيڙو ڏـــاڻ، موکي منارن جو ....!!

واهوندي آندي، اڄ بہ خوشبوءِ خشڪ جي،
مـــادر دل ماندي، رنـــي پوئين رات ۾،

راڻـــا رتـــو چـــاڻ، آيـــا آرڻ وچ ۾،
سچو سنگـ سنڌوءَ سان، آيا سر ڪٽي سرواڻ،
امڙ جــي امـاڻ، مَرڪ منهر ميدان ۾ ...!!

●

وڳهہ جا وريام

دوِدا ڀـٽ ڀونگر جـا، ڀونگر ننگر نـام،
آنـڪي ساري سنڌ تي، وڳهہ جـا وريـام،
ڪري ڪالهہ قيام، سنجي سنڌ ڪري ويا....!!

سورهيہ سوري سيج، ننگر هليو نينهن سـان،
ڀنجاهہ يـارن ڀـاڻ ۾، ڀونگر ڀـني ڀيچ،
بـهـادر شهر بڪار ۾، رت ڏنـاڏون ريـج،
آيـا چون ڀـاڻ ۾، مڙس تـي مـريـج،
سامهون سر ڏئيچ، ته سويارو ٿئين سٺ ۾....!!

ترڪش ٻڌي تنگ چڪي جنگ ٻہ جوٽياڏون،
ڇاتين ڇـرا دشمن ۾، ڪـپـي ڪوڙيـاڏون،
ڪپڙا لال لهوءَ مـان، ڀهـڳـن ٻوڙيـاڏون،
لکيو لوڙيـاڏون، قضا ٽري ڪا نہ ڪا....!!

قضا ٽـري ڪا نـہ ڪا، آيـو امـر الاهي،
شـيـر شهادت رسيا، ڀـٺـي وڳهـہ ۾ واٺـي،
رضـا مچّـي رب جـي، راٺـا تـيـا راهـي،
طور ممٺ طاٺـي، تـيـا روانا رب ڏي....!!

بهادر شهر بڪار ۾، جوڙن جوٽـي جنگ،
ڪارن ڪميتن جـا، چڪي ڀرياڏون تنگ،
ڪاهي ڀيا ڪٽڪ تـي، ڀـاڻ هنياڏون ڀنگ،
وڳهہ روپـا وچـڙ، ريـتـو ڏنـاڏون رنگ،
گهوٽن گهاتي نيهن سان، نيايـا تـي ننگ،
نہ ٽيو دشمن دنگ، مري ڀاڻ ملهائي ويا....!!

گهنڊ لڳا طبل وڳا، جنگ ٻيءَ تي جاري،
سورهيه سپوت سنڌ جا، هاري ۽ ناري،
وادا لوهر ڪاسبي، واڻيا واپاري،
وڙهيا ويرين ائين جيئن، منگهه وجهي ماري،
سودا سما ابڙا، راڻا ريباري،
ڪانءُ سهي ڪاري، وڏي شان شهيد ٿيا،
پاتا جڏهن پڙ ۾، دودي پير دلير،
چٽي جنگ چڙي پئي، ڏونڪو لڳو پير،
مغلن جا ميدان ۾، ڏونڊ ٿي ويا ڍير،
گهوڙو مشڪي گهوٽ جو، جيئن بڪايل شير،
سوين صوبه سُنبن سان، جنهن ڪيا زمين زير،
ماريو مهاڙا وڃي، مانجهي مرد متير،
ڪندو اهڙي ڪير، جهڙي تو جنگ جوان ڪئي....!!

ڳاڙها منهن مغلن جا، مياڻو گهرن ماس،
ڦري شهر ٻڪار جو، جن بنايو بنواس،
جڏهن دودو گڏين دوبدو، تڏهن رنيون ڪن راڪاس،
پوءِ دغا ڪري دودي لئي، ڪوهه ڪٺائيون خاص،
جنهن ۾ پيالا زهر جا، ٽنگياڻون ٽياس،
اندر رهي آس، سو پڙ شير شهيد ٿيو....!!

دودا تنهنجي دم ۾، حياتيون هزار،
وڏن ڪان وڌي ٿي، تنهنجي چام چمار،
سورهيه سينگاري سنڌڙي، وئين تون وينجهار،
ڪونڌر تو ڪردار، مڙني متاهون ٿيو....!!

سدا سبز سهڻي، وڳهه جي وادي،
تورن ڏينهن ٿيئي، جتي ننگر جي شادي،
دهل وڃيا تي در تي، جتي گلن جي گادي،

لائـون لهندي رڪ سان، جنهن آندي آزادي،
روئي جنهن لاءِ رت ڦـڙا، سومـــل شهزادي،
ڪربل وارو ڪيس ٿيو، حڪم ســـاڻ هادي،
مـــردن مـنـادي، ڳوڙـن ۾ پئي ڳاڻبي....!!

وئيو نـــانءُ ننگر جو، پونـگر ســڌي پـــاءُ،
ڇهري چنڊ معصوم ڪي، گهٽا لـڳـــا گهاءُ،
راند ڪيئين ٿي رڪ سان، جٽ ترارين تـاءُ،
پسي حملا نـــه هٽيو، وريـــامـــن رويــــاءُ،
سندو روپـــا راءُ، وڏي شـــان شهيد ٿيو .. !!

هـانـســا تنهنجي هاڪ، اڄ بہ سوڍا سنڌ ۾،
مانجهي ملهائـي وئين، دوســتـــي جـــي ڏاڪ،
پاونگ چڙهي پـــڙ تـي، ٻيلين تـــي ٻيباڪ،
تازي تنهنجي تن تي، پـرڏـی جـــي پوشاڪ،
سوڍا سر سوريءَ تي، تو چاڙهي ڪيو چاڪ؛
تاڙيون پيچي تاڪ، ٿئين داخل دودي درٻار ۾....!!

اڇـــي اعلاءُ ديـن، ابـڙي ڪي اعلان ڪيو،
سامون سومرن جـــون، تــــو وٽ جـي آهن،
سي ڪر حوالي منهنجي، تہ اڇي تن تسڪين،
نہ تہ مري تون مسڪين، ويندين واهر وچ ۾....!!

جوڙي ڏنـــو جواب، ابـــڙي اعلاءُ دين کي،
سي سي ساندي سامون ڏيان، اي ءِ ڪهڙي منجهہ ڪتاب،
ذلت واري زندگـي، سمي نـــہ پيئي ســـاب،
هـتـی جـــو حساب، ٽڙندو ترارين وچ ۾....!!

ابـــڙي اعلاء ديـن جي، ڏنـــي جنگ جهان؛
سمون صـوبـن وچـــ ۾، پـــڌرو پـهـلـوان،

هٿي ٻن هٿن سان، ڪتارا ۽ ڪان،
گهوٽ ڪيو گهمسان، مغلن سان ميدان ۾....!!

هٿي ٻيٺو هوڏ، سمون سر جي ٻڙ ۾،
ڪوپا ڪپيئين ڪيترا، ڪڏي منجهان ڪوڏ،
لاڪيٽي تنهن لوڏ، ٻڙ ۾ پريان پڌري....!!

سمي سٺا سر تي، گهڻا ڏڪ ڏوپار،
گهٽ نه هٿي ڳالهڙي، چٽيل هو چوڌار،
رت وهيس ريلا ڪري، ٿيس بت ٻيڪار،
سائين پرتيون سومريون، ڪيائين ڪٽڪار،
سر ڏيئي سردار، سمي پاڻ سنواريو....!!

عرشن ۾ آواز، ستر رک سچا ڏٺي،
قادر قبوليئن پيو، سندو روحن راز،
ستين ان سڌ ۾، هو ٻرهه ٻي انداز،
ڌرتي لنگ لهڙا ڪيا، چڏي نخرا ناز،
انجام ۽ آغاز، مستوراتن مانئيو....!!

ٻاگهي تنهنجا ٻول، اڄ ٻه سبق سنڌ لئه،
تو پاڻ-مرادا پاريا، سندا قالوءَ قول،
چڏي رنگ رتول، تو ڏنو مان مٽيءَ کي....!!

ٻانهن تنهنجو ٻر، ٻاپائن کي ٻاگهلي،
سيبا ڏيئي ستر کي، تو مرهو ڪيو مر،
امر اسم تنهنجو، سدا سنڌ اندر،
جنهن کي چوين مر، سو ڪانئر ٿئي نه ڪڙم ۾....!!

سبق ڏيئي سنسار کي، هليا سنڌ ۾ سنواري،
جيُجل جوانن ڪُي، اڄ ٻه اوساري،
صحيح پٽ سو منهنجو جو دودي دل ڌاري،
تيج ۾ بخشيان تنهن کي، جو سوزي سنواري،
مانجهي ڏي ماري، دشمن پنهنجي ديس جا....!!

سڏائين ٿو ساھ ڏئي، ڪُل مٿي قادر،
پاڻي رکي پاڻ تي، چوغي تان چادر،
پورهيتن پادر، ڪير هٽي پيو ڪنڌ ڪان....!!

جي ٿو ساري سگهه، ويڙهي آهي وجود ۾،
پوءِ ھي ھاڃان ھنجن سان، پيگھيون ڪن پيا پگهه،
انگهيو انگهيو اگهه، ماڻهن جا مقرر ڪرين....!!

تہ ڪو الله آھيين، تہ ڪو تون خدا،
اھا ڳالهه جدا، سوچن جي 'سمونڊ' ۾....!!

مت چوائين مٿيرو، مٿي ڪان مٿي،
اندر ڪاڏل ڪوڪلو، ڏٿو ڏيھہ ڪٿي،
سوزن منجهه سٿي، سانگين وڏي سنگهرون....!!

آھن ٿو اگهاڙ ڪئي، باقي ڏينهن باقي،
پٽ ويٺي ٿي وانگي، تاڪ لٿي تاقي،

سچون تون ساقي، ڪونهي تو وٽ قطرو....!!

ڪونهي ٿو وٽ قطرو، ڏٺو ساري ڏيهہ،
دوکي وارو ديھہ، پاڻهي ٿي پيو پڌرو....!!

ايڏو جي وڏو، آھين اپ عرش ڪان،
پوءِ چو پورهيتن جو، هيڏو جيءُ جڏو،
عياشيءَ اڏو، ناھيو ٿو نڳيون ڪرين....!!

تون پڻ منجهان تِن، جي مارا ماروئڙن جا،
جي سچو آهين ساڪ سان، بنا بيئنت بن،
تن سان طبق چن، جي آزاريندڙ عام جا....!!

تون تيئن گهرين اطاعتون، جيئن بڪ گهري بکيا،
دعويٰ ڪرين دنگ جي، سڀ منهنجي سکيا،
ليڪ تنهنجا لکيا، پدر پوٽيون پٽ ۾....!!

سٺين سٺين آپ تي، ڏکَ ها پير ڪري،
هيڏو پوَنءِ پاڳين تي، ٻارڻ ٻيو ٻري،
يا پچي پير پري، يا ڪڻ تون هٿ هڻڻ تان....!!

آهين يا ناهين، سا سمجهن ٿا سڄاڻ،
ڪن چئي قادر ٿئين، رعيت رتو چاڻ،
اهيئي اهڃاڻ، هڻڻ ڪان هٿي ويا....!!

●

سر موکي مقارا

پري آهي پرين کان، هي جو مون هڻڻ،
کيڏو شهرن شور آ، مون لئه راڱو رڻ،
ڳري ڳالهه ڳيڻ، جهڙيل جهوني هڏ کي....!!

رڪ جهڙيون راتڙيون، سورن آيري سج،
ويهه ويهه پيرا وج، ڪري روز قلب تان....!!

ڪالهه ٻه آيا ڪين ڪي، نه ڪي آيا اڄ،
وڇوڙي ۾ ورهه ٿيا، ڪيئن ڏونئي لاهيان ڏڄ،
واڇي وانگر وڄ، آئي عجيبن لئه....!!

ساروٽيون سرير ۾، آپريون آڏيءَ رات،
ڪڏهن ته ملندا ڪهل ڪري، هجن شال حيات،
ڏيئي ويا سا ڏات، جا نينهن نبيرو نه ڪري....!!

لڳهو لڙڪ ٿيام، آ ڪپن رت اوڳاڙيو،
ڏيئي جل جگر کي، ويساهي ويام،
کهرام ۾ قيام، ڦکي پٽي مون پيا....!!

ٻرن ٽاڻيا ٻاٻرا، اندر منهنجي آڳ،
پري پير پريت جا، اڄ تون واري واڳ،
دل جا دلبر داڳ، کولي تو ڏيکاريان....!!

سڄ آهو ئي ساڳيو، ڌرتي ساڳي ڏن،
دور درياهن مٿيا، سمنڊ نه ٿيو سڻن،
هي حياتي تن، واري جيان وهيو وڃي....!!

ٺرو ٺاهي پياريو، ڪولهڻ مونکي ڪالهه،
جاڳي پيو جيءُ ۾، جيئرو جل جلال،
حرام ۽ حلال، ٻئي ٻڌي ويا ٻوڏ ۾....!!

ٺرو جيئن ٺري، تيئن ٺري جا ٺاٺ،
ساجن جي ساقي هجي، مٺي مٺي ماٺ،
اندر جي اٺاٽ، ويتر وڌي وتري....!!

ڪولهڻ سندو قطرو، قطب جڻ تارو،
سمجهڻ وارن سمجهيو، اهڙو اشارو؛
آپريو اکيڙو ڇڏي؛ انڌو انڌارو،
نظر نظارو، ڏٺو اڇي ڏينهن جيان....!!

ڪولهڻ هٿان قطرو، مليئي تان ٽمل،
هزارن مان ڪنهن هڪ تي، جهلي اِها جهل،
مٿان پلجي، پل، ڪري وڃائين قطرو....!!

ڪولهڻ هٿان قطرو، مليئي تہ مالا مال،
هي وڃائي حال؛ اڳين ڪان اڳي ڪري....!!

ڪولهڻ پڙو ڪيسرو، ڪنجري ڪوڏين روند،
ساري جرڪي سنڌ، پانڌڻ چني ٻڌ ۾....!!

پڙي مان پڙلاءُ، موهن دڙي ڪان مُهند جو،
جوين جٺ ٿيا؛ ويو وڇوڙي واءُ،
حقيقي هڳاءُ، سرديءِ انهيءَ سونهن مان....!!

پڙي جي پڪيڙ ۾ سچو نقشو سنڌ،
هيرا هس ڪچيءَ ۾ سونين ونڌيل ونڌ،
جڳ جڳ تنهن تان جند، گهوريندي گهٽ پانئيان....!!

متارن ڪا مت، پڙهي هٿ ي پڪي ڪئي،
موکي سندي مٽ تي، سهاڳ ڏناڻون سٽ،
رتي ڪن نہ رکت، هي ڏي، هي وٽ تون...!!

متارا ۾ مٽ، پنهڙڪي پيڙا رهيا،
سنئان وٺي وهہ ڪي، گهڻو پياڻن گهٽ،
جهمر هٿي جهٽ، موکيءَ کي موکي ويا...!!

سري وٽ سرا، مانجهي متارن جا،
ڪيڏئون موکيءَ مٽن مان، تڪون ڏيئي ترا،
سيئي سور ٻرا، لحظي ۾ لهي ويا...!!

موکيءَ سندي مٽ ۾، سوين سپ سرن،
هڪڙي وٺي هٿ ۾، ٻي ٿا گهوٽ گهرن،
کو جو چاهہ چڪيءَ ۾، چانئٽ ڪان تہ چرن،
جهوريءَ اِن جهرن، وٺي ڏي ڪا رُوتري...!!

وو بہ ڪا چڊ وسڪي، ٻيءُ توڻن موکي مٽ مان،
موکي سندي مٽ جو، رستو وٽ تون رسڪي،
گناروڙي گسڪي، متارن جي ماڳ ٿيا...!!

مٽي نيلون نسريون، هيئان مک محراب،
موکي سي مٽ کوليا، جنهن جو ناهي جواب،
متينون متارن چون، تڪ جهلياڻون تاب،
گڏي ڏوهہ ثواب، حج پڙهياڻون حجري...!!

موکي مک محراب تسان، پردا کيا پري،
خشبوءِ ائين کلي پئي، عنبر اوجِ ڪري،
جيئن جيئن رات ٺري، تيئن تيئن تڪون تاڪ ۾... !!

جبين پرن ٽانڊا پاپرا، تيئن مشعل موکي مُنهن،
سُونهن خدا جو سُنهن، اگني کي آب ڪري....!!

ڇهڙو رنگ رتام، اصل آهي انب جئو،
موکيءَ مُـــدام، مهڪ تهان وڌ مُنهن ۾....!!

پنبين مٿان پُـونـد چڙهه، موتـي ڏا تيلا،
ڇـڏڻ وچـي چانگ پٽي، وهاڻـيءَ ويلا،
جهنگن جهميلا، سڏ پيا ڪن سُونهن کي....!!

مٿارن محـراب ۾، نيتـي جـا نمـاز،
سهڻـا ســاز سُــرن ۾، عجب ڪئين آواز،
روحـــانيت جا راز، رات مٿـارن مـاڻيا....!!

پيئندي پيئندي پـر تيا، ڪئي عبادت اوج،
موکي سندي مٽ مـان، ڪئـي مٿارن موج،
فنا ڪـري فوج، وحدت کـي ويجها ٿيا....!!

نيلن منجهان نُور جـون، ڏيـون ڏارائـون،
پلهڙ پاهون پيڪڙيـون، لڏائـون لالـون،
هيرون هوائـون، ڪٿـي کپتان آئيـون....!!

نيـل نهاري نـپ ۾، آنـدائين انبلـٽ،
سو سو سجدا سٽ، موکيءَ جي محراب ۾....!!

موکيءَ جي محراب کي، نه ڪـو ويڙهو واڙ،
نه ڪو جهيڙو جهل ڪا، نه ڪـي حسد ساڙ،
اتي جـي اگهاڙ، بهتر برقعي کـان گهٽي....!!

ڀوريون سجدو سچ، موکيءَ جي محراب ۾،
پيائي جو پچ، ڀاڙڏون ڀڃي هليا....!!

موکيءَ جي محراب ۾، نينهن پريون نديون،
پر پيئندي پاڪ ٿيا، ميٺي سپ مديون،
سڪيا جي صديون، جهوليون تن جهمائيون....!!

موکيءَ جي مسيت جا، جاني جماتي،
آٺيو آچن آن اکيان، هڪي حياتي،
اهڙا ڪئين آتي، ڪونڌر آهن ڪلال جا....!!

موکيءَ جي محراب ۾، ڪاريگر جو ڪم،
اکيون پسي اوڪائيون، ويا سپ وهم،
ڪيڏو کيو ڪرم، موکي متارن تي....!!

رت رڙن جوت جيئن، موکي تي مهڪي،
ساهه سلهاڙيائين ساهه سان، سينو تو سهڪي،
پيٺو ڏو ڀهڪي، چهرو موکي چنڊ جيان....!!

آره منجهه انگي، تڙپن ٿا ڪنهن تاڪ لئه،
هريل هٿ حبيب تي، تن جي تؤڻ تنگي،
جوالا جيئن جنگي، مٿي آيا مورچي....!!

آره انگي منجهه، تڙپين تڪين تاڪ،
حبين جي هٿ سان، ٿئي پليتي پاڪ،
ڪري چولو چاڪ، چاڻ نيرانا نڪتا....!!

سچ نه ڪني ڪلي، اچان رات رهڻ ڏي،
وچوڙي جا وڍ، پيئيءَ ۾ پري وٺان....!!

پنيرڪي ۾ پياڪرين، موڪي منهن تي ماڪ،
چڙهي چس چپن جي، پاڻ ڪياڻون پاڪ،
حقيقي هيراڪ، ازل آج اوتي ويا...!!

سري مان سنجوڳ، چا متارن ماڻيو،
ڳپ ڳڙڪائي ويا، ڦٽو ڪياڻون ڦوڳ،
لٿو روزن روڳ، عيد ملهائي اٿيا....!!

تند ٽٽي تسبيح جي، ٻڪڙيا داڻا پوڪ،
ازل پيڙا اؤڪ، لحظي ۾ لهي ويئي....!!

جسم جنسي جل ٿيو، جيئن ڪوري ڪامي لوهه،
موڪيءَ جي ماري وڌو، متارن کي موهه،
نه ڪو ڏپ نه ڏوهه، وهه پيتائون واري تي....!!

موڪي مکي چوس، ڪڍهن آهي ڪانه ڪا،
منهن ڪوليا متن جا، ننگ وڏي ناموس،
متان ٿئين مايوس، متا مٽي ۾ وهنجندا....!!

پليتي پاڻيءَ سان، پاڪ نه ٿئي پڪ،
وهنجاري وجود کي، لاهي شرابان شڪ،
ڏيک ڏيک آهي ڏڪ، اکيان جي اگهاڙ لئه....!!

موڪي متارن کي، ڏکڻ ڏٺي نه ڏٺو،
آڻي لئه آڇيندين، هو پيا ڪندا هو،
مڌ ۾ آهي مٺو، اوتيندي آج ڏٺي....!!

ڏسڪون ڏيندي ڏونس، ويچارن وڌي ويئي،
جلوا جرڪيا جاؤبجاءِ، جيرن آئيو جونس،
ڪاري ڪٿي ڪونس، ڪم ڪج متارن سين!!

جڏهن سڪ سلهاڙجي، ساعت سوڻي سون،
رون رون ڪريو رڳن مان، راحت ماري رون،
اتگ انگ سندو اون، لحظي ۾ لهيو وڃي....!!

ڪڪوهه ڪي ڪلال، ٿاهيو وڏي ٺاٺ سان،
پيئندڙ ڪان پري ٿيا، حرام ۽ حلال،
پاڻ ٿي جل جلال، پاڻ ٿي پيارڻي پاڻ ڪي....!!

موڪي سرجي سچ جان، ٿاندن ٿالهه پري،
جنهن ڪي پيار پساهه سان، پچي سو ٻري،
ستا سر ڪري، مد متارن اوتيو....!!

موڪيءَ ڪي موڪي، ويو متارن موت،
پريت ول پوکي، مات ڏيئي ويا موت کي....!!

پل انهيءَ، پڪڙيئون، دنيا جو دامن،
زهر هو ضامن، پيئندي پاسيرا ٿيا....!!

ٻئين متان ٻيهه ويڙا، مير متارا مل
ڦيرا ڏين ڦرن لڻ، ڦڙو پائن ڦل،
هيڏي هلان هل، متارن جي ماڳ لئه....!!

[ڏهه سٽا]

ونـــيءَ وانگر ٻـنـيءَ ٻِڪ،
رت ولوڙي راتـــو ڏينهان،
پوءِ ٻه هاري، ٻُڪ جو ٻُڪ.

گـهـڙي گـهـڙي گهـڙا،
ڪنڀر نـهـائـيـن ڏِڪ،
مـــٽـــان مـيـنـهـن ڳـــڙا.

سوڍن سنڌوءَ ســـاڻ،
دودن دنگ دنـگائـيا،
راڻـــا رتــوچـــاڻ.

اڄ ٻــــه چـنـڊ آمـاس
ساڳيو ايـري سِنڌ تي
ڪوڪي ڪالـيـداس

وچ .... ٽانڊن تـي لهرون
ماڻهون ڳاهــن ڳاهـه پيا
سيني ۾ سنگهرون .

ڪامـڻـــي اک ڪجـل
منهن تہ ڪيئن مهڪي پيو
ٽنگون ٻـــانهون پـگـل

وياج ڪاڻي ويو مور
سوچي ڏس سرير ۾
هڏ پڳي جا سور

سودو ڪجي سنهنجو ڪجي
پنهنجي پرائي ڇو ٿئي
پنهنجيءَ ڪي پنهنجو ڪجي

موتيو، موتيو رات
ڪڏي ٻچ ٻجاڻ مان
ڪِڪِيو ڪاريءَ واٽ

□

[ڇوُ سلو]

رِچ رچ رچ، اڄان ٻـــ، رچ
ڪـوڙ پـــاڙون پـاتـــار ۾
تنهن ڪان هـونـتـان سـچ
تنهن ڪي ڳولي اچ، تنهن ڪي ڳولي اچ

وائـيـون

کهور وڃان توتان کهور، منهنجو مور،
سر گهوريندو سنڌ تان....!!

واڱي

گهور وڃان توڏان گهور، منهنجو مور، سر گهوريندو سنڌ تان.

لال هندوري لوڏيان، پاڻـــي پٽ جي ڏور، منهنجو مـور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

سمهي ننڊون ڪر سڪي لڏا، اکيان اوجاڳا اور، منهنجو مور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

ڪوڙ مٺيءَ جا ڪوٽ هـي، پڇيءَ ڪنڌو پور، منهنجو مور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

سونهندو سائين وچـــ ۾، ڪارونجهر جي ڪور، منهنجو مور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

لاهيندو تـــ لتون هٿي، مٿان جهانگين جهور، منهنجو مـور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

ايندو امـــائـــي ڏاريـــان، لنگهائي لاهـور، منهنجو مـــور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

ماٽيندو "منشي" چوي، ڪيٽيءَ ڪان ڪشمور، منهنجو مور،
سر گهوريندو سنڌ تـان ....!!

وائي

بنجر باغ بناء، او هاري، بنجر باغ بناء.

ميڙي چونڊي کھڙ ڪنڊن جا، جاچي سپ جلاء، او هاري،
بنجر باغ بناء....!!

جھونو جھنگل ويڙهہ وري ويسا، آن ۾ آگ لڳاء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

آبت ايندو ڪونہ پيو ڪو، پنھنجي سِر وساء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

موکون مليون ملڪ سڄي کي، تون ڏيئي رت رڄاء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

وٿ نہ وڃاء ويسرا ويهي، همت هر هلاء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

هيٺ مٿاهين هيڪ ڪجائين، ڪيڙن سان ڪماء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

مٽيءَ جو ڪر مان مٿاهون، "منشي" پاڻ ملهاء، او هاري
بنجر باغ بناء....!!

وائي

منهنجا ٻول ٻه ٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

پاڳيو وڪڻيو ڪير ڪي، ويٺو چپ چٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
ڪير لاهي ڪلڙي، ويٺو وات ٻٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
باز اچيو بازار مان، جهرڪيون وڃن جهٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
ٻنين سي ٻج ڪاريا، ڇيرا ڄجو نه ڇٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
هل هلاچو هوند ۾، ڪٽيءَ ڇا ته ڪٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
انس اڪر انسان مان، ويٺڙو ڀاڙ پٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
عمر وڃايئي اپ ٽڪينديءَ، سڌ رکيو اٿئي سٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
قوم آئي قيد مان، ڪيڏو ٻنڌ ڪٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
ڪک لتاڙي ڪنهن جا، بيٺو سچ وٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
منڇر اڄ جنهن من ۾، سا گهڙي مان نه گهٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
مور نه مرڻي مارڻي، مارو ويا منهن مٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
اڃا سوڍا سنڌ مان، ڪنڌ ڏيئن پيا ڪٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
سچ ويندو ڪوڙ کي، لٽڻ ساڻ لٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
سوٽي لٽندو سيڪو، جيڪا ڇٽ ڇٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
ڪير نه ڏيندو ڪنهن کي، پنهنجو ماس پٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
پريت پرائي نه ٿئي، گهڙي ڪين گهٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
ڏاڍو ڏريل ڏونڌ تي، بڪيو چپ چٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.
غور ڪريو ته غلام هلن پيا، ”منشي“ مچ وٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

وائي

لاڻون لهڻ لاڏلا، وڃڻ پيا ويڙهه ۾.

رت رتولي راند ۾، مهندا مُهاڏا،
وڃڻ پيا ويڙهه ۾.

ارادا تہ اندر ۾، جبل کان جاڏا،
وڃڻ پيا ويڙهه ۾.

سؤانن سڱ ساڱاهيا، پڙ چڙهيا پاڏا،
وڃڻ پيا ويڙهه ۾.

”منشي“ مهميرن کي، ايندا ڇا آڏا،
وڃڻ پيا ويڙهه ۾.

●

وائي

مون کي وڏ وڏا، تونِ ڇا چاڙين پورڙا پائو،

مهراڻ موتين سوٽ ڪڻي، ڪنڌين ڪوڏ ڪڏا،
تون ڇا چاڙين پورڙا پائو،

ماس مروڙي ڪاڻي ويا، ڪرڪن هاڻ هڏا،
تون ڇا چاڙين پورڙا پائو،

آهن تاڪن تاڪ ۾، تنهنجا تونڙيون تڏا،
تون ڇا چاڙين پورڙا پائو،

جهوڙيل آهين جهوڪ ۾، چڪي جان چڏا،
تون ڇا چاڙين پورڙا پائو،

مارن مڏ مٽي، مٽي، ”منشي“ مال مڏا،
تون ڇا چاڙين پورڙا پائو،

●

وائي

کهور ڪري کهوٽن، سر ڏنئون ويا ساک بچائي.

ڪاهڙ سارو ڪنوڙا ڪنورا، مانجهي ڪيئن موٽن،
سر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

سي ڏينهن سارينئون جي سٽا، جيجل جي جوڻن،
سر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

ورنئين ملي آ وارثين، پٽن ۽ پوٽن،
سر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

جڻون متائسي جوکيا، ڪيرينداڪوٽن،
سر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

وائي

جيڏا جيڏا جيس الا، ڪاهي آيا ڪاڪ تي،

ڦورين ڪنڌ ڪپائي لاءِ، هرڪنهن روح ۾ ريس الا،
ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

عشق مچڪيءَ ۾ آڪرو، پيئي پوي پيس الا،
ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

راڻا رت رتول ۾، ڪيئا رات خميس الا،
ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

ڏوڙهيءَ جي ڏڪاءَ ۾، ڪيڏو هنٿو ڪيس الا،
ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

”منشي“ مهندان ماءُ جي، سوين رکيا سيس الا،
ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

واڏي

ساري سنڌ سرهاڻ، راڻن ڪئي اڄ رت سان،

ڪڏهن ويندي ڪا نه ڪا،
پيلن مان پراڻ، راڻن ڪئي اڄ رت سان.

ڏنيپ نه سهندا ڏيهه تي،
جوڌا پٽ جوان، راڻن ڪئي اڄ رت سان.

سي ڪيئن سر مٿو ڪندا،
چڙيو جن کي چاڻ، راڻن ڪئي اڄ رت سان.

گهوريو گهور گهوٽيا،
گهور ”منشي“ پاڻ، راڻن ڪئي اڄ رت سان.

وائي

جوڙي جنگ جبل ۾ ٻيٺا، ٻاروچاڻا ٻار، وو يار.

چلنگيون چلنگيون چٽ چپر جا، چورا چاپا مار، وو يار.
آزادي آ نعرو تن جو، گونجيو منجهه گرنار، وو يار.
ٻم بندوقون، توپون، تن تي، برسن ڪئين ٻمبار، وو يار.
ڪولو ڪهان ڪان ڪاهي هليا، سڀي سرديا سردار، وو يار.
مالي پٻ، ماوند متي ود، جهيڙڻ ويا جهونجهار، وو يار.
چلتن ۾ چنگ آزادي جا، چوريائون چوڌار، وو يار.
دشمن جا لاهوت ۾ لاشا، ڪاڄ ڳجهن ٿيا کوار، وو يار.
”منشي“ ماريو چڙهن مهاڙا، وار متان ڪن وار، وو يار.

وائي

پوچاڙي جو پينگهه کي لوڏي، هئي هئي ڏي نه هلورا،
چرکي آئندا چورا.

گهورن گهايل گهوٽن اڏيون، ڪسندي ڪجهندي ڪين ڪي ڇڏيون
وري ڪٿي پڻي اکيون وڏيون، چڙ کي نيڻ ڪٽورا،
چرکي آئندا چورا.

سهڻل سائين ڪري ستاتو، هنيا هميشه پيان پڻا تو،
ڇهڪ ڏنا ڪئين چڻا پڻا تو، نت نت نيوان نڪورا،
چرکي آئندا چورا.

وهنجي ويڙهي وارن واري، تيل چنبيل سان سينڌ سنواري،
ماريا ڪئين تو اکين اشاري، ڏيهه جا ڏاها پورا،
چرکي آئندا چورا.

گوري گجرن سان گڏي مون گس تي، وئي پئي واڪا ڪندي ساوس تي،
وڃي پئي ڪنهن ڏاهي جي ڏس تي، 'منشي' ڏيندي مورا،
چرکي آئندا چورا.

وائي

اوسيڙو ۽ آس، چوري چڙ تي چيگري.

پاڻي ۾ ڏسي پاڇو پنھنجو، ڏکيو ڪري پئي تپاس،
چوري چڙ تي چيگري.

اينڊو نہ اينڊو ڍول ڍڪيءَ ۾، ويڙھي ويس وماس،
چوري چڙ تي چيگري.

چوڏس چاھت سان ڪري، چارين جيئن چڪاس،
چوري چڙ تي چيگري.

پڙھ پانڌ ورائيو، رات نہ آئي راس،
چوري چڙ تي چيگري.

"منشي" ماري من ۾، ڏاڍي ڏونس ۽ ڏاس،
چوري چڙ تي چيگري.

وائي

ڏاڍو آهي ڏچو، ماڻهي، مورمچو، سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

ســا ڪيئن سهٽي پــار پُنجي، جنهن جـــي ڪچ ڪچو،
مانجهي مورمچو، سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

سڏ پڙاڏو وک وک، واڪو، اچو، اوس اچو، مانجهي مورمچو،
سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

هينئڙي ڪن هنڊائيو، سڻو ســـڏ سچو، مـــانجهي مورمچو،
سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

لوڏ لوڙائن سان لڳي، نانگا ٿـي نـــه نچو، مانجهي مورمچو،
سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

"منشي" پنهنجي ماڪ پر، چو پيا پاڻ پچو، مانجهي مورمچو،
سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

●

وائي

جاڳي پيا- اڄ جاڳي پيا، ڌرتيءَ جا ته ڌڻي، ٿيندي ڳالهه ڳڻي.

چيلهه ٻڌي پيا چورن پٺيان، ڏيئي تنگ ٽڻي، ٿيندي ڳالهه ڳڻي.
راتاهن راتِ اٿي ويا، هوڪا يار هڻي، ٿيندي ڳالهه ڳڻي.
ڇورا ڇرڪي ڇوهه مان اٿيا، پوندا ڇيهه ڇڻي، ٿيندي ڳالهه ڳڻي.
”منشي“ مانجهي ميڙاڪن جي، واهه ڇا ڳالهه وڻي، ٿيندي ڳالهه ڳڻي.

واڻي

پوڄاڙي پيغام، آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي •

سورٺ سير سوريءَ ٽنگيو، ڪاهڙ ڪيڏي ڪام،
آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي....!!

ڳاهه ڳنڀيءَ ۾ ڳالهه ٻڌائي، ويندو هي وريام،
آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي....!!

ڳهه ڳهه ڳتيل سورٺ سان ڦٽي، ڪيسين رهندو ڪمام،
آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي....!!

جهوناڳڙهه پيو جهلسي جهلسي، آگ لڳي ويئي عام،
آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي....!!

ٻول ۾ قول ٻڌائيندو، تنبورو هي تمام،
آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي....!!

●

وائي

ويڙهه سواءِ ٻي واھ نہ آهي، اچو تہ جوڙيون جنگ، الا.

سيج ستا جي سيٺي سياهت، ڪارا رڙندا ڪنگ، الا.
ڏاڍ جي ڏاٽ هٿي پٽي ڏاڍا، ڏيهہ سڄي کي ڏنگ، الا.
نت نوان نيلام ٿين ٿا، پنهنجا دڙيسون دنگ، الا.
اٿس پڇون پيا پرين ڪان، جيئن ٿاندن آيون سنگ، الا.
ڪنهن آ پياري قوم سڄي کي، کهوٽي گهاٽي پنگ، الا.
"منشي" ڏار دنيا ڪان آهن، پنهنجا راڳ ۽ رنگ، الا.

وائي

ڪِيڏي آهي ڪڙاڻ، وو، تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا.

ڇاتي آهي ڇيڳرا، متي هي مانداڻ، وو،
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا....!!

سربستا سرير سڙن پيا، ڇڻ ٻباهه ٻراڻي ٻاڻ، وو،
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا....!!

رات رتو رت روئي روئي، موت ڪاڏي مهراڻ، وو،
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا....!!

ڏيهه، ڏکوين تان هي ڪڏهين، ”منشي“ لهندا ماڻ، وو،
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا....!!

●

وائي

ڪونجن جي ڪڪاٽ الاءِ رات ٻه مون کي رت روئاريو.

تو ٻن چنڊ جي چانڊوڪي هي،
مون لئه اونداهي پاٽ الاءِ رات ٻه مونکي رت روئاريو.

رتڙو روئي مون رات وهائي،
جهپ نه آيم جهاٽ الاءِ رات ٻه مونکي رت روئاريو.

اوسيڙي ۾ مهينا مٿي ويا،
تو ته وساري واٽ الاءِ رات ٻه مونکي رت رئاريو.

ٻاهه برهه جي پڙڪا ڪاڍا،
لون لون لنگ لوساٽ الاءِ رات ٻه مونکي رت رئاريو.

مخمن آڏسي "منشي" ڏينداءِ
سوڏا سوڻ ۽ ساٽ الاءِ رات ٻه مونکي رت رئاريو.

وائي

پرنديءَ ۾ سرندي الا، ڪڏهن ڪنهن جي ڪا نه ڪاه

جنهن کي چاڻ چـروڻ ڏنيون،
ســا وچـان ڪيئن ورتـدي الا،
ڪڏهن ڪنهن جي ڪا نه ڪاه

جنهن سٽي سنڌڻ مـــاءُ جي،
ســا ڪيران نـــه ڪرنـدي الا،
ڪڏهن ڪنهن جي ڪا نه ڪاه

مٺي جنهن جـي مٿـيءَ ســان،
ســا ماڪ انهيءَ مرنـدي الا،
ڪڏهن ڪنهن جي ڪا نه ڪاه

وائي

کوئين آهيان ڪٿي، مون کي وڻ ڏيو واسرا.

هٿ هلورا هيتر جا،
ماڙين هت مٿي، مون کي وڻ ڏيو واسرا.

ٿاريلي ۾ جي ٿڌڪارن تي،
ٻنجي شال ٻٿي، مون کي وڻ ڏيو واسرا.

چانگ چڙيم جا چيڪ تهان مان،
جيئنديس ڪيئن جٿي، مون کي وڻ ڏيو اوسرا.

"منشي" مرندي نا ڏيان،
پنوهارن پٿي، مون کي وڻ ڏيو واسرا.

●

واڳي

ڪيڏا ڪاڪ ڪلور، موڙو موڙو مينڊراء

نومل ماتم ماڙيين، نيچوڙي نور،
موڙو موڙو، مينڊرا .... !!

ڏاڪو ديس بديس جنهن جو، سا اڄ ڪاڏي سور،
موڙو موڙو، مينڊرا .... !!

چورن اک ۾ چاڳلي، اوهان ڇو؟ اڪپور،
موڙو موڙو، مينڊرا .... !!

ميرين اکين ”منشي“ مانجهي، آئي وجهو انبور،
موڙو موڙو، مينڊرا .... !!

●

وائي

سنڌي جهاڳي سڄَ الا، وسيءَ کي ويجها ٿيا.

لاهيو ساري لوڪ تان، آزادي جي آڄَ الا،
وسيءَ کي ويجها ٿيا.... !!

مانجهي مهيني ماس جي، رهي آهي رُڄَ الا،
وسيءَ کي ويجها ٿيا.... !!

هاڻ هيريل ڏات کي، پڇي ڪريو پُڄَ الا،
وسيءَ کي ويجها ٿيا.... !!

ماڳ جي مهندان موت کي، ”منشي“ ڪريو مُڄَ الا،
وسيءَ کي ويجها ٿيا....!!

واڻي

ڏرتي ڏرتي، جهانگيڙن سان جهر جهنگ جهيرا،

اڇو اوڇي گهاٽ سان مياڻي آهي متي،
جهانگيڙن سان جهرجهنگ جهيڙا ...!!

زوريءَ چور چري ويا، تنهنجا چيٽ ڪتي،
جهانگيڙن سان جهرجهنگ جهيڙا ....!!

پورهيت پيٽ بکئي جي پڙ ۾، رتي ناهي پتي،
جهانگيڙن سان جهرجهنگ جهيڙا .... !!

سوڍن سمجهي سام سنڌوءَ کي، رکي سٽي جتي،
جهانگيڙن سان جهرجهنگ جهيڙا ....!!

"منشي" سي اڄ موج ۾ آهن، گهاڻي جن کهتي،
جهانگيڙن سان جهرجهنگ جهيڙا ....!!

وائي

سهڪيو سنگ ٽُٽي، ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾.

رُوپ رُوپلي وارو ساڳيو، جوڏا ڇـام ڇٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾....!!

پريان وڏيرو من جو ميرو، پونڪندو تہ پُٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾....!!

موهن دڙي جي مورتي ساڳي، ڇـر ۾ ڇيو هٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾....!!

●

وائي

ماريـو مٿارن موت، زهر کي ضامن وجهي.

رات رسي پريـات ڪنـــي، اوتيئون اوتــون اوت،
زهــر کي ضامن وجهي.... !!

موکيءَ جي ميخان مان، روڙيئون رتـــن جوت،
زهــر کي ضامن وجهي... !!

وحدت ۾ ويـنا ويڙهجي، ڇـڏي پوتيون پـــوت،
زهــر کي ضامن وجهي.... !!

موکي مام پروڙي "منشي" ڪيا حقيقي هـوت،
زهــر کي ضامن وجهي.... !!

●

وائي

لالچ ۾ احساس، سو ڪيءَ مهندان آيـــا آيري

مڏ ماڻيءَ ۾ ورهه ولـــوڙ، نانگ ڪري ويــا ناس،
موڪيءَ مهندان آيــا آيــري.

جيڏرا هـــوندا مـــوتي ايندا، ٻئين رهندي ٻــاس،
موڪيءَ مهندان .آيــا آيــري.

ناڏو ڏــاڏو مـوڪيءَ مــاڻو، لالچ لاٿــو لباس،
موڪيءَ مهندان آيــا آيــري.

طب نـــه ڏي ترياڪ پڇياڏون، لس ڪياڏون لاس،
موڪيءَ مهندان آيــا آيــري.

”منشي“ ميٺ محبت ماڻي، پاڻ ڪرايئون پــاس،
موڪيءَ مهندان آيــا آيــري.

وائي

ماندي مُنڊ منڊي، ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

مون رُلسيءَ کي ويسا رلائي، روهن منجهه رندي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

ڇڏي هليا، ڇڪ ويسا، ڇوريءَ ڪسي ڇنڊي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

ويٺي سُور سرير جا، واتسن سين ونسدي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

ڦرڪو همي ڦيرائيتو، ڇُهڙي ڪنهن ڇنڊي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

دم ندم دميو ديس ۾، اندر همن آکنڊي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

ڏيٺي ويٺا ڏيسر هٺا، جهنڊو سساڻ جهنڊي،
ڪامڻ مون تي ڪالهه ڪري ويا.

وائي

لاکو لچ سندن، اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي.

ڪنجري تي ائين ڪوڏيون، جيئن تا پار ڪلن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

سرنهه وڻ سرهاڻ تي، پلجي پونئر پرن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

گهير هوا ۾ گهاگهرو، مور جيئن رانديون ڪن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

پانهن مٿيا عاج جا، لاڪي لاءِ لکن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

"منشي" لاڪيو مهر ڪري، اوڏو ٿيو اوڏن،
اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

□

منهنجو جانب جيئن جو تيئن، نظر پوڻ سان نيڻ نري پيا —

هام هڻڻ هت حسني هزارين، منهنجي پرين جي پٽر نه ڪو پارين،
ڪنڌ ڪڍايان تنهن ڪان ڪيئن، نظر پوڻ سان نيڻ نري پيا...!!

بت بيهڪ برحق بناوت، هوڪو جنهن جو هرهنڌ هت هت،
ناتو تنهن سان نازڪ نينهن، نظر پوڻ سان نيڻ نري پيا....!!

ڏرتي، آپ، انسان پياسا، منهنجي سڄڻ جي واس مان واسيا،
رات منجهان ڪيڏڙو ڏينهن، نظر پوڻ سان نيڻ نري پيا....!!

مٺڙي سٺڙي پاڻ پياريائون، جڏڙو جڏيءَ جو جيءُ جياريائون،
"منشي" محبت وڏڙا مينهن، نظر پوڻ سان نيڻ نري پيا....!!

●

وائي

سامي سنگت توڙي، رات روانا ٿي ويا.

جو ڪِهن ڪارڻ جيءَ ۾، جايون رکيم جوڙي،
رات روانا ٿـــي ويا.

حق حق هوڪا حق ۾ هڪ ٿيا، پيا ٿي ڀـوڙي،
رات روانا ٿـــي ويا.

پيچ پنيءَ جـــو پريـون پڌائون، رتـا گل روڙي،
رات روانا ٿبـــي ويا.

ڪو ڪچ مون ۾ ڏٺئون تڏهن ويا، ”منشي“ منهن موڙي،
رات روانا ٿـــي ويا.

وائي

عشق لڳو الموت، الا، سوڻ مصلحت مس ٿئي ڪا.

ڏاهر ڏس ڏياچ ُجو، ڏيئي چاڙهي ويو چوٽ، الا،
موڻ مصلحت مس ٿئي ڪا!!

ُمحبِ متان ڏي ميهڻو، اڃان تون نہ اروٽ، الا،
موڻ مصلحت مس ٿئي ڪا!!

ڪُفر ۽ اسلام جا، ڪُل ڪري پيا ڪوٽ، الا،
موڻ مصلحت مس ٿئي ڪا!!

”منشي“ مانجهي ميدان مان، مرڪي ڪن نہ موٽ، الا،
موڻ مصلحت مس ٿئي ڪا!!

●

واڳي

ڏاڍا ڏينهن ٿيا، وڇڙندي واجهه وصال لئه ۔

جيڏرا نـاهيون جيڏري هوندي، جيا نـاهيون جيا،
وڇڙندي واجهه وصال لئه....!!

ڏينهن ڏکـن ۾، روج ۾ راتيون، پل پل يادـ پيا،
وڇڙندي واجهه وصال لئه....!!

نيا نيڻ نينهن نتو ڏي، ايـڏو چـو، انيـاء،
وڇڙندي واجهه وصال لئه....!!

”منشي“ اونـداهي اچٽا، اکيون ڪيم ڏيـا،
وڇڙندي واجهه وصال لئه....!!

●

وائي

لڳي ڪين لڳي، الا، سڪ تنهنجي سانورا.

ڏينهن ڏنگي ڏاڍيءَ جيان،
گذري رات نٿي، سڪ تنهنجي سانورا.

سور تنهنجا سپردين،
سانڍيم ڳاهي سٿي، سڪ تنهنجي سانورا.

قرب منهنجي جي ڪامڻي،
قيمت تو نه ڪٿي، سڪ تنهنجي سانورا.

”منشي“ کي تون محب اچي ڏي،
هيڪر هٿ هٿي، سڪ تنهنجي سانورا.

●



منشي هڪ جامع الطفات شاعر آهي. سندس زبان، سندس سوز ۽ آلاپ، سندس فڪر ۽ فهم، سندس پيغام، همت، جرئت ۽ قرباني آهي. سندس هي نئون ڪتاب سنڌي زبان ۽ نظرياتي توڙي طبقاتي ادب ۾ ، تاريخ جو هڪ سونهري بابت آهي، سنڌي نوجوان نسل لاءِ هڪ ضابطہ حيات آهي.

منشيءَ جي شاعريءَ ۾ سونهن، سُرت، ساڃاهہ، پيڙا، پڪار، عزم، حوصلو، جدوجهد، جرئت، همت، جان بازي توڙي جان نثاري ۽ ذرتيءَ سان بي انداز محبت موجزن آهي. وقت جي ضرورت آهي تہ هن کي پڙهجي، پروڙجي ۽ راهِ عمل ۾ رهنمائي حاصل ڪجي.

(هن ڪتاب جي مهاڳ تان کنيل)

پڙهندڙ نَسُل ـ پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِڙئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کُنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهه ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهه ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)

واڳي

چاهه چاندوڪيون راتڙيون
تو ٻنا ٿيون ڪهن ڪاتڙيون۔

چپ تنهنجا ڇڙيا، ٻول تنهنجا ٻڙيا، ساز جن ڪي سڙيا،
لار ماکيان مٺيون لاتڙيون۔

ڀاڻ ٽوٽان وارجي، اڄاڻ ٻه ٽو نڪارجي، وري وري ٻه وارجي،
تن من تنهنجيون تاتڙيون۔

تون سمهين ته ساهه ۾، مشڪ ٿئي هوا ۾، انڊلٺ آهاءِ ۾،
جوين پسائي جهاتڙيون۔

مٺان تو ماڪ ميڙيڙن، جن ٿي وڪا موتين، ننڍڙا ٻلب جيئن ٻرن،
اکيون ڏسڻ لئه آتڙيون۔

تون ته پاڳن ڀري، ڇال تنهنجي ڇري، اوڀري اوڀري،
گهٽ گهٽ تو لئه گهاتڙيون۔

ڪر تون پردو پري، منهن ۾ مشعل ٻري، سڄ سجدا ڪري،
”منشي“ ٿين ملاقاتڙيون۔